## نصاب جي ذريعي قدرتي آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ جي حڪمت عملي





“ان ڳالهه جي اهم ضرورت آهي ته اسان جي نصابي ڪتابن ۾ قدرتي آفتن کي گهٽائڻ بابت معلومات شامل هجي. ڳالهين کي سمجهندي يا بيان ڪندي، اسان پاڻ به وڌيڪ سکون ٿا ۽ پوءِ ٻارڙن کي به بهتر پڙهائي سگهون ٿا. ٻار وري اهي ڳالهيون پنهنجي ننڍن ڀائرن ۽ ڀينرن سان ڪن ٿا. نه فقط ايترو پر اهي پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ اوڙي پاڙي جي اڻپڙهيلن کي پڻ ٻڌائين ٿا, ڇو جو جڏهن توهان ڪا نئين ڳالهه سکو ٿا ته اها توهان ٻين کي به ٻڌائڻ چاهيندا آهيو. جهڙوڪ: قدرتي آفتن جي دوران، اڳ ۾ يا پوءِ، ڪهڙي فرد جي ڪهڙي ذميواري آهي.” (علي اڪبر، پرائمري ماسٽر چڪ ٺمب پيل، يوسي ڪوسڪي بدين)

“قدرتي آفتن کان بچاءُ جون تدبيرون اصل ۾ اسڪول کان ئي شروع ٿيڻ گهرجن”_گڏيل قومن جي آفتن ۾ گهٽتائيءَ جي بين الاقوامي حڪمت عملي، 8-2006

1_ تعارف

2_ قدرتي آفتن ۾ وڌندڙ تيزي _هڪ وڏي ڳڻتي

3_ گڏيل قومن جا لاڳاپيل اقرارنامه ۽ ٻيا بين الاقوامي عهدنامه

4_ ٻارن ۽ اسڪولن تي قدرتي آفتن جا پوندڙ اثر

5_ تعليم ۽ ٻارڙن تي پوندڙ نفسياتي اثر

6_ تعليم، محفوظ اسڪولي عمل ۽ آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ جو ڳانڍاپو

7_ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ جي اهميت ۽ ٻارڙن جو ممڪنه ڪردار

8_ سنڌ ۽ پنجاب جي نصابي ڪتابن ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي جا طريقا شامل ڪرڻ

8.1_ روح ڦوڪڻ يا پيهي وڃڻ وارو طريقيڪار

8.1.1_ سنڌي، اڙدو ۽ انگريزي نصابي ڪتابن تي مڪمل نظرثاني

8.1.1.1_ سنڌي ۽ آسان سنڌي زبان ۾ ادب

8.1.1.2_اڙدو زبان جي چنڊ چاڻ ۽ ادبي نصاب

8.1.1.3_انگريزي نصاب جي ڪتابن تي نظرثاني

_ نصابي ڪتابن تي نظرثاني: سماجي اڀياس ۽ 8.2 پاڪستان اڀياس

8.3_ مرڪزي قابليت وارو طريقيڪار

8.4_ وقف ڪيل مضمون وارو طريقيڪار

8.5_ نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين ذريعي ڳانڍاپي وارو نقطئه نظر

8.6_ گاڏڙ نقطئه نظر

8.7_ پڙهڻ لاءِ مددگار مواد

9_ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ استادن جا رايا ۽ قياس آرائيون

10_آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي متعلق ايس ايم سي جو ڪردار ۽ نقطئه نظر

11_پاڪستان ۾ نصاب جي بهتريءَ جو عمل: آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي کي شامل ڪرڻ لاءِ موجود موقعا ۽ ڏکيائيون

12_ ضلعي تعليمي انتظاميه ۽ نصابي ڪتابن جي اختيارين جو رويو

13_ آفتن جي خطرن جي انتظام ڪاري کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ بابت آفتن واري ڪاتي جو نقطئه نظر

14_ وسيع تر پاليسي ۽ عملي سفارشون

## 1_ تعارف

تعليم، سماجي تبديليءَ جو بهترين ذريعو آهي پر ان آڏو هڪ وڏو امتحان آهي!! اچو ته پنهنجي بنيادي تعليمي نظام تي نظر وجهون. ان جو مقصد ڪهڙو آهي ۽ ان کي اڃا ڪهڙين شين سان ڳنڍڻ جي ضرورت آهي؟ نصابي سرگرمين ۽ خاص طور نصابي فهرست کي ڏسڻ جي ضرورت آهي. اگر جيڪڏهن ڪا شيءَ غلط آهي يا ڪو نئون مسئلو آڏو اچي ٿو، ته ان جي حل لاءِ اڳتي وڌيل قومون، پٺ تي مڙي پنهنجي تعليمي قوت کي ڏسنديون آهن. ڇا اها شيءَ اسان لاءِ مددگار ٿي سگهي ٿي؟ اها حڪمت عملي ڪيتري حد تائين اسان جي اڀرندڙ مسئلن کي حل ڪري سگهي ٿي؟ بار بار پيش ايندڙ قدرتي آفتون هڪ اهڙو ئي امتحان آهي، جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان جي تعليم اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

پاڪستان ۾ قدرتي آفتن جي واڌ سبب ان ڳالهه جي ضرت آهي ته ان مسئلي کي مختلف پهلوئن کان جانچيو ۽ بيان ڪيو وڃي. رڪارڊ ٽوڙ ٻوڏون، وڏا زلزله، واچوڙا، شديد برفباري، خشڪ سالي ۽ سوڪهڙا، جنهن کي اسين آفت سڏيون ٿا، هن ملڪ جي نصيب ۾ لکيل آهن. تنهنڪري سڀ کان بهتر اهو ئي آهي ته اسان جا ٻچا پنهنجي آئيندي کي محفوظ بنائڻ لاءِ اڄ ان جي ڄاڻ حاصل ڪن. جيئن ته ٻارڙا عمر ۾ ننڍا ۽ ڪمزور ٿين ٿا تنهنڪري آفتن دوران اهي حساس ترين درجي ۾ شمار ٿين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي ڄاڻ نه فقط ٻارڙن لاءِ اهم آهي پر سموري قوم لاءِ پڻ ضروري آهي. قدرتي آفتن واري علائقي ۾ هئڻ ڪري پاڪستان لاءِ اهو زندگي ۽ موت جو سوال آهي ته هن ملڪ جي ٻارڙن کي قدرتي آفتن کي گهٽائڻ يا منهن ڏيڻ ۽ ان جي اڳواٽ تياري جي بنيادي سکيا هجي. ان ڪم لاءِ تعليم بنيادي ۽ اهم هٿيار ثابت ٿي سگهي ٿي. جيستائين دنيا ۾ قدرتي آفتن جي اڳڪٿي ۽ انهيءَ تي قابو پائڻ جو نظام مضبوط ٿئي، تيسين بنيادي سکيا، روين ۽ انهن کي اپنائڻ ذريعي ئي اهڙين آفتن کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏئي انهن کان بچي سگهجي ٿو.

انڊس ڪنسورشيم، آڪسفيم نويب جي سهڪار سان ان ڪم جي شروعات اسڪولن جي نصاب تي نظرثانيءَ سان ڪئي وئي آهي. اها آفت حساس تعليم جي مهم ڏانهن پهرئين وک آهي. هن تحقيق ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي ٽيڪسٽ بڪ بورڊن جي پرائمري ۽ سيڪنڊري سطح

جي نصاب تي ڪم ڪيو ويو آهي. هن ۾ خصوصن پهرئين درجي کان وٺي اٺين درجي جي نصاب تي زور ڏنو ويو آهي. ڇاڪاڻ جو ٻهراڙيءَ جا اڪثر اسڪول، جيڪي ان قسم جي آفتن جي زد ۾ آهن، سي يا ته پرائمري آهن يا ته مڊل. هر هڪ مضمون ۾، جنهنجو ويجهو يا پري جو به واسطو جڙي ٿو، ان کي واضح ڪيو ويو آهي. ظاهر آهي ته هي تحقيقي ڪم صرف نصاب جي ڇنڊڇاڻ تائين محدود نه آهي، پر ان ۾ سموري تعليمي نظام کي ڏٺو ويو آهي ته جيئن ڪي عملي تجويزون ڏئي سگهجن. قدرتي آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ واري ڄاڻ تعليمي نظام سان سلهاڙيل هر هڪ جز تي لاڳو ٿئي ٿي.

سنڌ جي ٻن ضلعن ٺٽي ۽ بدين ۾ انڊس ڪنسورشيم جي هڪ ميمبر تنظيم لاڙ هيومينيٽيرين ڊيولپمينٽ پروگرام (LHDP) ۽ پنجاب جي ٽن ضلعن مظفر ڳڙهه، راجن پور ۽ ليه ۾ باقي ٻه ميمبر تنظيمون هيلپ (هيومن ايمپاورمينٽ ٿوليڊ اينڊ ٿو پروگريس) ۽ دوآبه فائونڊيشن ڪم ڪري رهيون آهن. انهن پنجن ئي ضلعن کي هن تحقيق ۾ کنيو ويو آهي. ان ڪم لاءِ گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪولن (GGPS) ۽ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪولن (GBPS) کي بنا ڪنهن ترتيب جي چونڊيو ويو. لاڳاپيل جو انڊس ڪنسورشيم جي ميمبرن جي سوشل آرگنائزرن جي صلاح مشوري سان ان چونڊ کي اهڙيءَ ريت ڪيو ويو جو سڀني علائقن جي بهتر نمائندگي ٿي سگهي. ماسترن، ايس ايم سي (SMC) جي ميمبرن، مقامي اڳواڻن ۽ مائٽن سان پڻ انٽرويو ۽ گڏيل گڏجاڻيون (فوڪس گروپ) ڪيون ويون. گڏيل گڏجاڻين ۾ شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي پڻ شامل ڪيو ويو ته جيئن سندن احساس ۽ سوچ کي ڄاڻي سگهجي ۽ سندن روين ۽ وهڪرن کي سمجهي سگهجي. ساڳين ئي ضلعن ۾، ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسرن (EDOs)، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسرن (DEOs) ۽ اسسٽنٽ ايجوڪيشن آفيسرن (AEOs) جا پڻ انٽرويو ڪيا ويا ته جيئن ان مسئلي بابت سندن سوچ جي عڪاسي ٿئي. محقق، اڪثر روبرو ۽ ڪجهه ماڻهن سان فون ذريعي انٽرويو پڻ ڪيا. ان ۾ تعليم ۽ اسڪولن جي چيف سيڪريٽرين يا صوبائي سيڪريٽرين، ٽيڪسٽ بڪ بورڊن جي چيئرمينن، اسڪولن جي ڊائريڪٽرن ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽرين، ڪريڪيولم ونگز ۽ لٽريسي ۽ نصابي نظر ثاني ڪاميٽي جي بعض ميمبرن کي شامل ڪيو ويو. جڏهن ته لاڳاپيل صحافين ۽ سماجي ڪارڪنن جو نقطئه نظر پڻ ورتو ويو.

آفتن جي خطرن جي انتظام ڪاري جي ڪوآرڊينيٽرن، آفتن جي خطرن کان بچاءُ واري وفاقي اداري جي نمائندن ۽ گڏيل قومن جي ترقياتي پروگرام (UNDP) جي مقامي آفيسرن ۽ ڊائريڪٽر رٿابندي (P&D)، ڊائريڪٽر فنانس ۽ اڪائونٽس ۽ ڊپٽي ڪمشنرن کان پڻ لاڳاپيل نظام ۽ موجود رڪاوٽن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي. جڏهن ته صوبائي بچاءَ ٽيمن جي خيالن کي به شامل ڪيو ويو آهي. جيئوٽيڪ ظاهري حفاظت مثلن اسڪولن جي قيام گاهه، سندن بناوٽ جو معيار، طاقت ۽ انهن جو قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي قابل هجڻ جو پڻ ڪجهه نه ڪجهه مسئلي سان واسطو بڻجي ٿو.

هن رپورٽ جي شروعات تمام وڏن قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي مختصر بيان سان ڪئي وئي آهي. اهي اهڙيون قدرتي آفتون آهن، جيڪي بار بار اچي کان به وڌيڪ زورائتي نموني ٿين ٿيون. خصوصن پاڪستان ۽ ڏکڻ ايشيا جي ٻين ملڪن ۾ ٻارڙن جي زندگين، اسڪولي عمارتن ۽ تعليم کي پهچندڙ نقصان ۽ خطرن کي بيان ڪيو ويو آهي. ان کان اڳ ۾ جو باقاعدي پاليسي سطح تي ڳالهائجي، هن رپورٽ ۾ اهم قول اقرار جهڙوڪ هيوگوفريم ورڪ آف ايڪشن (HFA)، گڏيل قومن جي آفتن گهٽائڻ جي بين الاقوامي حڪمت عملي(United Nations International strategy for Disaster Reduction (UNISDR)۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل عهدنامن تي پڻ روشني وڌي وئي آهي. هن رپورٽ ۾ يونيسيف جي تجويز ٿيل فريم ورڪ جنهن ۾ نصاب کي قدرتي آفتن کان بچاءَ لاءِ ڪيئن سلهاڙجي، جي باقاعدي پيروي ڪئي وئي آهي.

تجزيي ڪرڻ جي طريقيڪار کي پڻ مختصرن هتي بيان ڪيو ويو آهي. يا “پيهي وڃڻ” واري طريقيڪار موجب سنڌي، اڙدو، انگريزي، پاڪستان جو اڀياس، جاگرافي، سائنس ۽ سماجي اڀياس جو هتي جائزو ورتو ويو آهي.

موجوده نصاب جي مواد کي ڏسندي، قدرتي آفتن کان بچاءَ واري موضوعن کي مختلف مضمونن ۾ سموئڻ جي تجويز رکي وئي آهي. سڄي نصاب کي جانچيو ويو آهي. جنهن مان اها ڳالهه اڀري آئي آهي ته ڪهڙي مضمون ۾ ڪٿي، ڪيئن ۽ ڪهڙي شيءَ شامل ڪري سگهجي ٿي.

باوجود ان جي جو ان پيغام کي مڙني مضمونن تائين پکيڙيو ويو آهي: پر تنهن هوندي به اهو طريقو ڪجهه جاين تي محدود ٿيو پوي يا ائين ڪٹي چئجي ته بنهه ناڪام ٿيو پوي، جهڙوڪ: قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي سموري ڪم ڪار ۾ عملي مهارتون ۽ لاڙا شامل نه ڪيا ويا آهن.

جيڪڏهن لاڳاپيل حڪومتي ادارا ان مسئلي بابت عام سماجي ڄاڻ کي بهتر بنائڻ لاءِ، تعليم کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ته اهو فائديمند ثي سگهي ٿو. جيون مارگ وارا مضمون، مادپول ناهڻ، استادن جي تربيت ۽ ان جو مقصد ۽ گنجائش، ان عملي ڪم جي پوئيواري ڪن ٿا. ان ڪانسواءِ وسيلن حاصل ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ، ان جو ڦهلاءُ ۽ بهترين مهارت اڳتي هلي تجربي ۽ تجزئي جي بنيادن تي حاصل ڪري سگهجن ٿا. سرڪاري سهڪار ان سموري ڪم کي ڪامياب بنائڻ ۾ انتهائي اهم آهي.

بنهه نئين مضمون تي ڪم ڪرڻ کي ”وقف ٿيل مضمون وارو نقطه نظر“ سڏبو آهي. ان خيال تحت پڻ نصاب ۾ قدرتي آفتن کي گهٽائڻ واري موضوع کي شامل ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. ان ۾ موسمياتي تبديلي، قدرتي آفتن ۽ ان کان بچاءَ جي مڙني سماجي، فني، معاشي ۽ سائنسي پهلوئن جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. اهو واحد مضمون آهي جيڪو ملڪ يا خطي ۾ قدرتي آفتن جي حساسيت، قسمن ۽ تيزين جي حوالي سان نصاب ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ واري مضمون کي پڙهائڻ جي وڪالت ڪري ٿو. نصاب تي ڪم ڪندڙ ادارن کي ان ڪم لاءِ آماده ڪرڻ ۽ حڪومت کان ان لاءِ مالي سهڪار وٺڻ هڪ وڏو امتحان آهي. ان ڪانسواءِ، مختلف سطحن تي مختلف طريقن سان آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي تي ڪم ڪري سگهجي ٿو، جهڙوڪ: صبح جي اسيمبليءَ ۾، شاگردن جي تنظيمن ذريعي، اسڪول ڪانپوءِ يا موڪلن دوران، مشقن ۽ گهمڻ ڦرڻ دوران، نمائشن، خاص پروگرامن ۽ گڏجاڻين ذريعي، جيتوڻيڪ ان نصابي يا غير نصابي سرگرمين ذريعي ڪم ڪرڻ واري حڪمت عملي لاءِ ضروري  آهي ته ان ۾ دلچسپي، جوش ۽ جذبو برقرار ۽ قائم رهي. سڄي ڇنڊڇاڻ جي نتيجي ۾ نڪتل تجويزون رپورٽ جي آخر ۾ ڏنيون ويون آهن.

2_ قدرتي آفتن ۾ وڌندڙ تيزي _هڪ وڏي ڳڻتي

*“جيڪڏهن زلزلو اچي ٿو ته وڏن بنگلن جي نسبت، جهوپڙين ۽ ڪکاون گهرن ۾ رهندڙ ماڻهو وڌيڪ محفوظ رهن ٿا. دراصل زلزلو نه پر آر سي سي جي ڳرين ڇتين ڪرڻ سبب ماڻهو هڪ ئي جهٽڪي ۾ دبجيو مريو وڃن. انهن ماڻهن کي اهو سڪٽو پوندو ته آفتن کان ڪيئن بچجي.” (دلش ڪمار، پرائمري ماستر، گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، ٺمب پيل، يوسي کوسڪي، بدين)*

ويجهي ماضي ۾ قدرتي آفتن جي گهٽائي ۽ تيزيءَ جي ڪري انساني جانين، مال متاع ۽ موجود جاين جو اڻ ڳڻيو نقصان ٿيو آهي. گرمي پد ۾ واڌ ۽ موسمياتي تبديلين، دنيا جي گولي تي تمام نقصانڪار اثر وڌا آهن. ڀهراڙين کي شهرن ۾ تبديل ڪرڻ جي وڌندڙ لاڙي ۽ صنعتي زهريلن مادن، ڌرتيءَ جي توازن کي بگاڙي ڇڏيو آهي. غريب ملڪ ۽ انهن ۾ رهندڙ غريب عوام اڳ جي مقابلي ۾ هاڻ انهن آفتن جو وڌيڪ شڪار ٿيا آهن. ٻين پيڙائن سان گڏ، ان قسم جي ترقيءَ مان ملڪ جيترو فائدو حاصل ڪيو  آهي، ان کان وڌيڪ زيان ٿيو آهي. قدرتي آفتن جا اثر، خطي جي ۽ ڪنهن به قسم جي جاگرافي حدن کي اورانگهيو وڃن.

قدرتي آفتن جي خطرن وارن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهو، آبادي، جاگرافيائي ۽ فني صورتحال ۾ تبديلي، ماحوليات جي تباهه ڪاري ۽ وسيلن جي کوٽ اُسرندڙ ۽ غريب ملڪن جي ڀهراڙي توڙي شهري غريب آباديءَ کي ڪافي نقصان پهچايو آهي.

UNISDR جي اندازي موجب فقط سال 2011 ۾ تقريبن پوري دنيا ۾ 302 قدرتي آفتون آيون جنهن ۾ اندازن 30 هزار جانيون ضايع ٿيون ۽ 206 ملين ماڻهن کي نقصان پهتو. ان هڪڙي سال ۾ 366 بلين آمريڪي ڊالرن جي معاشي نقصان جو اندازو لڳايو ويو آهي. قدرتي آفتن لاءِ اڳي اهو سمجهيو ويندو هو ته اهي سالن ۽ صدين ڪانپوءِ اچن ٿيون، پر هاڻي صورتحال ان جي ابتڙ آهي. قدرتي تباهه ڪاريون هر سال 400 جي انگ کي ڇهندي 74 هزار جانين جو زيان ۽ 23 ملين کان وڌيڪ ماڻهن کي متاثر ڪن ٿيون. سال 1980 ۽ 2000 جي وچ ۾ دنيا جي تقريبن ٽي چوٿائي آبادي آفتن کان متاثر ٿي آهي، مطلب ته گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڏهاڪن ۾ هڪڙو ڀيرو. فقط ٻوڏون 500 ملين کان مٿي ماڻهن کي هر سال متاثر ڪن ٿيون. تقريبن دنيا جي 500 شهرن ۾ هڪ ملين کان وڌيڪ آبادي واچوڙن يا بار بار ايندڙ زلزلن کي منهن ڏئي ٿي. 100 کان وڌيڪ ملڪن ۾، تقريبن 250 ملين ماڻهو ڏڪر ۽ خشڪ ساليءَ جي ور چڙهن ٿا، جيڪا قدرتي آفتن جي سڀ کان گهٽ ڪاٿي ۾ ايندڙ شڪل آهي.

گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ ڪجهه بهترين ڪمن جي باوجود، قدرتي آفتن جي خطرن کي منهن ڏيڻ دنيا جي اسرندڙ ملڪن ۾ اڄا به هڪ وڏو امتحان بڻيل آهي. قانوني ۽ پاليسي جوڙجڪ، بهتر ڇنڊڇاڻ، ڪاٿو ۽ اندازا ۽ احتياطي تدبيرون امڪاني خطرن جي نشاندهي، اڳ ڪٿي ۽ سڀ کان اهم ان جي انتظام ڪاري جي ڄاڻ ۽ تعليم اڄا تائين پٺ تي پيل، وسيلن کان محروم ۽ هر طرح نظرانداز ٿيل آهن. (iii)

## 3_ ڳڌيل قومن جا لاڳاپيل اقرارناما ۽ ٻيا بين الاقوامي عهدناما

”زنده رهڻ جي حق“ ۽ ”تعليم جي حق“ کي ڳڌيل قومن جي ٻارڙن جي حقن واري اقرار نامي (1990) ۾ باقاعدي پيش ڪيو ويو آهي. ان ۾ لکيل آهي ته زنده رهڻ جو حق (شق 6) ۽ تعليم جو حق (شق 28) هر ٻار جو پيدائشي حق آهي. ٻئي حق اڻ ڏٺل يا وقت بوقت ٿيندڙ قدرتي آفتن جي زد ۾ آهن. ساڳئي ريت ملينيم ڊيولپمينٽ گول (MDGs) سال 2015 تائين ”تعليم سڀ لاءِ“ جو عهد ڪيو آهي. اهي مڙئي حق موجود ۽ ايندڙ نسلن لاءِ اسڪولن ۽ محفوظ اسڪولن ۽ شاگردن کي هر امڪاني آفت ۽ ان کي منهن ڏيڻ بابت ڄاڻ ڏيڻ ڪانسواءِ ڏاڍا ڏکيا آهن. (iv)

يونيسڪو (United Nations Educational, Scientif and Cultural Organization)

يعني ڳڌيل قومن جي تعليمي، سائنسي ۽ ثقافتي تنظيم جي ڊڪار (2000) واري دنيا جي تعليمي فورم پنهنجي ڊڪار عملي فريم ورڪ (Dakar Frame work for Action) ۾ قبول ڪيو آهي ته تقريبن 875 ملين اسڪولي ٻار انتهائي حساس علائقن ۾ رهن ٿا ۽ هر سال ٻارن جو هڪ وڏو انگ انهن اسڪولن ۾ داخل ٿئي ٿو، جيڪي قدرتي طرح آفتن وارن علائقن ۾ موجود آهي. ان قسم جا خطرا نه فقط موجود رهن ٿا پر وقت سان ڳڌوڳڏ وڌندا پيا وڃن ۽ انهن کي گهٽائڻ لاءِ گهربل بين الاقوامي سهڪار پڻ اڻپورو آهي. ڳڌيل قومن جو ٻارڙن لاءِ فنڊ يونيسڪو ان ڳالهه تي سهمت آهن ته تعليم، آفتن کي منهن ڏيڻ جي سگهه کي وڌائڻ ۽ حساسيت کي گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. اها ساڳي وقت ڄاڻ، مهارتن ۽ روين کي بهتر بڻائي، ٻارڙن کي آفتن کي منهن ڏيڻ جي قابل ڪري سگهي ٿي. نقصان ڪانپوءِ ٻيهر بحالي وارو عمل پڻ انهيءَ قسم جي تعليم ذريعي بهتر نموني عمل ۾ آڻي سگهجي ٿو. (ساڳيو)

يوڪوهاما حڪمت عملي 1994 ۽ آفتن گهٽائڻ بابت بين الا قوامي ڪانفرنس 2005، هيوگو عملي فريم ورڪ، 2005-2015 تحت قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ حل پيش ڪيا ويا آهن. هلندڙ ڏهاڪي اندر، ملڪن ۽ عوام جي زندگين، سماجي، معاشي ۽ ماحوليات ۾ قدرتي آفتن جي ڪري زيان ۾ چڱي گهٽتائيءَ جي اميد آهي. بهرحال اها شيءَ، سرڪاري مدد، قومي ۽ عالمي سهڪار ۽ سموري دنيا جي ساڃهه وندن ۽ سائنسدانن جي مدد ڪانسواءِ ناممڪن آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مقامي ادارن ۽ ان سان سلهاڙيل عوام کي خطرن کي منهن ڏيڻ واري ضروري ڄاڻ ۽ وسيلن ذريعي سگهارو بنايو وڃي ته جيئن اهي پنهنجي پنهنجي حلقي ۽ علائقي اندر بهتر انتظام ڪاريءَ ذريعي، خطرن کي گهٽائي سگهن. قدرتي آفتن جي زد ۾ ايندڙ اسرندڙ ۽ غريب ملڪ، خصوصن اهي جن وٽ آفتن کي منهن ڏيڻ جي قابليت ۽ وسيلن جي کوٽ آهي، تن کي ٻين جي مقابلي ۾ وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

بين الاقوامي ترقيءَ جا حدف، جنهن ۾ ملينيم پڌرائيون ۽ اعلان پڻ شامل آهن، جيڪڏهن هر نقطي ۾ آفتن کي منهن ڏيڻ جي انتظام ڪاري کي شامل نه ڪندا ته گهربل ڪاميابي حاصل نه ٿيندي.

## 4_ ٻارن ۽ اسڪولن تي قدرتي آفتن جا پوندڙ اثر

*”آفتون اسان کي اڳ کان وڌيڪ بي گهر، غريب ۽ ڪمزور ڪريو ڇڏين. جيڪڏهن مون وٽ ٻه ايڪڙ زمين آهي ته قدرتي آفت جي ڪري تباهه ٿي ويل زمين کان پوءِ مون وٽ ڇا بچيو آهي جو آءُ زنده رهان ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالي سگهان.“ (ماستر هارون بلوچ، گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ، يوسي ڪوسڪي، بدين)*

جيئن ته ٻار عمر ۾ ننڍو هئڻ ڪري ۽ جسماني طرح ڪمزور هئڻ ڪري، آفتن جي وقت ۾ انتهائي خطري ۾ رهي ٿو، آفتن جو اوچتو ڪڙڪڻ ۽ اڳڪٿي نه هئڻ، ۽ خطرن کي منهن ڏيڻ بابت تربيت نه هئڻ سبب نقصان جو خطرو جنهن ۾ زخمي ٿيڻ، مرڻ ۽ اپاهج ٿيڻ جو امڪان وڌي وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪا قدرتي آفت، هلندڙ اسڪول دوران اچي ٿي جهڙوڪ: پاڪستان ۾ آڪٽوبر 2005 وارو زلزلو، ته اهو ٻارڙن لاءِ وڌيڪ تباهه ڪن ثئي ٿو. ان زلزلي ۾ 17 هزار معصوم جانين ڪانسواءِ 900 استادن جون جانيون ٻه ضايع ٿيون ۽ 50 هزار ماڻهو شديد زخمي ٿيا، جن مان اڪثر هميشه لاءِ معذور بڻجي ويا. ان ۾ 10 هزار اسڪولي عمارتون تباهه ٿي ويون

۽ 3 لک ٻارڙا زخمي ٿيا. انهن مان 80 سيڪڙو کان وڌيڪ عمارتون بالاڪوٽ، مظفر ڳڙهه ۽ مانسره ۾ اڏيل هيون. 2004 ۾ سري لنڪا ۾ سونامي آئي، جيڪا 13 هزار ٻارن کي ڳيهي وئي. ڀاڱيءَ جي خطرناڪ لهرن، سري لنڪا جي 51 ۽ مالديپ جي 44 اسڪولن جا نشان مٽائي ڇڏيا، اهڙي طرح انڊونيشيا جي 2135 اسڪولن کي پڙ تباهه ڪري ڇڏيو، جنهنجي نتيجي ۾ تقريبن هڪ لک 50 هزار ٻار اسڪول نه وڃي سگهيا. (vi)

هيٽي وارو خطرناڪ زلزلو سال 2010 ۽ طوفان ڪجهه ڏينهن اندر 2 هزار کان مٿي ٻارن کي ڳڙڪائي ويو ۽ فلپائني مٽيءَ جي وڏين چيڻ 2009 دوران 200 کان وڌيڪ ٻارن کي زنده زمين دوز ڪري ڇڏيو. چين جي يانگزي دريا جي ٻوڏ 1998 ٻه 9 ملين کان وڌيڪ ٻارڙن کي نقصان رسايو ۽ 48 هزار 766 اسڪولن کي مڪمل طرح يا اڌ تباهه ڪري ڇڏيو. ساڳئي سال، ايل سلوادور ۽ نڪاراگوا جي تيز طوفان تقريبن 900 اسڪولن کي بنهه تباهه ڪري ڇڏيو. ساڳئي ريت، بام ۾ پيش ايندڙ ايراني زلزلي 2003 ۾ اسڪولن جي وڏي انگ کي سخت متاثر ڪيو، جنهن ۾ 10000 ٻارڙا ۽ 1200 استاد مري ويا ۽ تقريبن 32000 ٻارڙا متاثر ٿيا. (UNEP 1998) موجب ان کان ٻه ابتر اهو ته ميانمر واري نرگس واچوڙي 2008 ۾ 2250 اسڪول مڪمل طور تباهه ٿي ويا ۽ 750 اسڪولن ۾ وڏا ڏار وجهي ڇڏيا. ساڳئي واچوڙي 2008 بنگلاديش ۾ 496 اسڪولن کي مڪمل تباهه ۽ 2110 اسڪولن کي ڇيهو رسايو. فلپائن جي ساموندي طوفان 2006، سندس ڏاکٽي اولهه ضلعن ۾ 60 سيڪڙو کان مٿي اسڪولن کي نقصان رسايو. (ساڳيو). وبائي مرضن ۽ ڪاڏي جي ڪوٽ جي پيش نظر، پاڪستان ۾ آيل 2011 ۽ 2010، 2009 وارين ٻوڏن، لکين اسڪول ويندڙ ٻارڙن کي سڌي توڙي اڻسڌي طرح متاثر ڪيو. اها ڳالهه ڌيان طلب آهي ته تقريبن هڪ بلين 14 سالن جي عمر کان گهٽ ٻارڙا قدرتي آفتن جي زد ۾ موجود علائقن ۾ رهن ٿا.

5_ تعليم ۽ ٻارڙن تي پوندڙ نفسياتي اثر

آفتن جي ور چڙهندڙ ٻار، مختلف قسمن جي ڀيانڪ نتيجن کي منهن ڏين ٿا. پلان انٽرنيشنل جي هڪ تحقيق مطابق، هڪ ڀاڱي تي کان وڌيڪ ٻارن لاءِ موت جي خبر جو گهنڊ وڃي ٿو ۽ جيڪي باقي بچن ٿا بعد ۾ انهن جي مٿي ڇاٽايل انگ کان وڌيڪ موت واقعي ٿئي ٿي. جهڙي طريقي سان حڪومت ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ادارا ان تي ردِعمل ڪن ٿا پر سندن آواز گهٽو ڪري اڻ ٻڌو رهجيو وڃي جو اهي خطرن جي اڳواٽ روڪٿام، خطرن کي منهن ڏيڻ ۽ ان ڪانپوءِ واپس بهتريءَ وارن مرحلن تي ڪم نه ٿا ڪن. ٻچي ويل ٻار، ان وقت جي وٺ وٺان ۽ امن امان جي هيٺ مٿي ٿيل صورتحال جو ناجائز فائدو وٺندڙن جي ور چڙهيو وڃن ۽ اهي کين مختلف طريقن سان غلط استعمال ڪن ٿا. ان صورتحال ۾ صدمي، پشيماني، خوف، ڪاوڙ، مجبوري ۽ ٻين ڪيترن قسمن جي ذهني دٻائن جو شڪار ٿين ٿا. تعليم جي اڌ ۾ رهجي وڃڻ ۽ ٻيهر روزمره واري زندگيءَ ڏانهن موٽڻ جا خيال کين پريشان ڪندا رهندا ٿا. سندن نفسياتي، تعليمي ۽ ان قسم جي ٻين ضرورتن کي اڪثر نظرانداز ڪيو ويندو آهي. سندن فقط جسماني ضرورتن جو خيال رکيو ويندو آهي. اهڙن وقتن ۾

ٻارن کي انتهائي نگھداشت جي ضرورت هوندي آهي، جنهن کي بنهه نظرانداز ڪيو ويندو آهي. ايتريقدر جو مدد فراهم ڪندڙ ادارا پڻ ٻارڙن جي ڪوڙ سارين ضرورتن جي مختلف پهلوئن کي نظرانداز ڪريو وڃن. (vii)

تنل ۽ تباهه ٿيل اسڪول نه فقط معاشي نقصان رسائين ٿا پر اهي تعليمي حاصلات کي پڻ گھٽائين ٿا. تعليمي خاصيت، شاگرد ۽ استاد جي وچ ۾ ڪيترائي ڏينهن، ڪڏهن ڪڏهن ته مهينن جا مهينا، ڪو به رابطو نه هئڻ ۽ باقاعدي نه ملڻ جي ڪري تمام گھڻو متاثر ٿئي ٿي. جيڪڏهن بعد ۾ اسڪول جو ماحول سازگار نه ٿو ٿي سگھي ته ڪافي شاگرد اسڪول اچن به ڪو نه ٿا. استاد يا ته غير حاضر رهن ٿا يا اهي خود ڪن مشڪلاتن کي منهن پيا ڏيندا آهن يا ڪن دٻائن جو شڪار هوندا آهن. جيڪڏهن ان دوران اسڪول جو رڪارڊ هيٺ مٿي ٿي وڃي ٿو ته منجهائن ڪوڙ سارا پنهنجي گريڊن جي يا ان کان مٿين گريڊ ۾ ڪافي عرصي کان وٺي ڪم ڪرڻ جي ثابتي ئي نه ٿا پيش ڪري سگھن. ٻارڙن جي جيستائين خطرن کي منهن ڏيڻ جي سگھه کي نه اپاريو ويندو تيستائين والدين، استاد ۽ لاڳاپيل اوڙي پاڙي جا ماڻهو ٻارن کي نفسياتي اثرن مان ڪڍڻ لاءِ بيوس رهندا. آفتون ٻارڙن جي اميدن، خوابن، خواهشن، اڳيان وڌڻ جي صلاحيتن ۽ مستقبل سنوارڻ جي جکمگ ڪندڙ سوچن کي جهنجهوڙيو ڇڏين. (viii)

6_ تعليم، محفوظ اسڪولي عمل ۽ آفتن جي خطرن کي گھٽائڻ جو ڳانڍاپو

*”ٻارن ۾ ساڳيئي ئي وقت ڪوڙ سارين شين ڄاڻڻ ۽ انهن کي بهتر نموني سمجھڻ جي سگھه موجود هوندي آهي.“*

*(محمد حنيف، گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، يوسي ڪوسڪيءَ ۾ ڪرايل ڳالهه ٻولهه ۾ شرڪت ڪندڙ)*

UNISDR’s جي سيڪريٽريٽ ۽ پائيوارن پاران آفتن جي خطرن کي گھٽائڻ واري مهم 2006 ۽ 2007 جي اهم نقطن ۾ آفتن جي خطرن کي گھٽائڻ ۽ محفوظ اسڪولن جو باقاعدي اعلان ڪيو ويو آهي. ”آفتن جي خطرن ۾ گھٽتائي جي شروعات اسڪولن کان“ واري مهم جو مقصد حڪومتن، عام ماڻهن ۽ فردن کي ڄاڻ مهيا ڪرڻ ۽ متحرڪ ڪرڻ آهي ته جيئن ان ڳالهه کي يقيني بڻائجي ته ”آفتن جي خطرن کي گھٽائڻ وارو مضمون، انتهائي حساس ملڪن ۾ اسڪولي نصابن ۾ باقاعدي شامل ڪيو وڃي ۽ اسڪولي عمارتن کي اهڙيءَ ريت ٺاهيو وڃي يا ٻيهر مرمت ڪئي وڃي، جو اهي قدرتي خطرن کي منهن ڏيڻ جي قابل ٿي سگھن.“ اسڪولي حفاظت جي بين الاقوامي ڪانفرنس 2006 جيڪا ڀارت (احمد آباد) ۾ ٿي گذري، ان ۾ تعليم سان لاڳاپيل هيوگو فريم ورڪ جي درجه بندي ۽ محفوظ ۽ مضبوط ثقافت کي يقيني بڻائڻ جو چيو ويو.

جاپان، ترڪي، اٽلي، انڊونيشيا، روس ۽ ڪجهه ٻين ملڪن جن نصاب ۾ پيش ايندڙ آفتن کي منهن ڏيڻ جهڙن عنصرن کي شامل ڪيو آهي، اتي جاني نقصان سميت ٻيو نقصان به گھٽيو آهي، بنسبت انهن ملڪن جي، جن نصاب ۽ تربيت جي ذريعي ٻارن ۽ عام ماڻهوءَ کي خطرن کان منهن ڏيڻ لاءِ تيار ناهي ڪيو. يونيسڪو جي جوڙيل رهنما اصولن ۽ يونيسيف پڻ استادن ۽ پاليسي جوڙيندڙن جي رهنمائي ڪئي آهي ته جيئن آفت حساس نصاب لاءِ ڪامياب طريقا اختيار ڪيا وڃن. ڪيوبا ۽ جاپان جيان، غيرنصابي ۽ غير تعليمي منصوبو پڻ جوڙي سگھجي ٿو. نون، ماحوليات سان لاڳاپيل ۽ سماجي طور قابلِ قبول حلن کي مقامي ماهرن جي مدد سان، ٻين ملڪن جهڙو ترتيب ڏئي سگھجي ٿو.

جيتوڻيڪ ايمرجنسيءَ ۾ اسڪولن ۽ ٻارن جي حفاظت کي وڌيءَ حد تائين قبول ڪيو ويو آهي پر آفتن جي خطرن کي گھٽائڻ ۾ خود ٻارن جي پائيواري هڪ نئين اڀرندڙ سوچ آهي. ٻارڙن جون ضرورتون ۽ پسند، آفتن دوران توڙي بعد ۾ اڪثر وڏڙن، ماهرن جي طرفان پيش ٿيندڙ رهيون آهن. ٻارن لاءِ ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ ان ڳالهه جي پنهنجي اهميت آهي ته آفتن جي وقت ۾ ٻارڙن جي حفاظت لاءِ ۽ ڪين پيش ايندڙ خطرن کي گھٽائڻ لاءِ ساڻن گڏجي ڪم ڪجي. وڌيڪ اهو ته عورتون ۽ ٻار اڪثر گڏ هوندا آهن ۽ انهن کي هڪ ئي گروپ ۾ ليکيو ويندو آهي. جڏهن ته اها حقيقت مڃڻي پوندي ته اسڪولي ٻارن جي الڳ درجي بندي رکي وڃي. آفتن دوران عورتن ۽ ٻارڙن جي ضرورتن کي جيڪڏهن گڏ ڏٺو ويندو ته عين ممڪن آهي ته ٻارڙن جون ضرورتون نظرانداز ٿي وڃن، ٻارن کي پاليندڙ مائرون ۽ سنڀاليندڙ فرد ٿي سگھي ٿو ته سندن ضرورتن کي پڌائڻ ۾ انصاف نه ڪري سگھن. (ساڳيو)

ان حقيقت سان گڏو گڏ اها ڳالهه سمجھڻ گھرجي ته ان ۾ اسان جي ايندڙ نسلن کي محفوظ بنائڻ لاءِ ڄاڻ ۽ مهارتن مهيا ڪرڻ جو جز شامل آهي. جيستائين تعليمي ادارا ايترا حساس، باخبر ۽ اڳي کان وڌيڪ متحرڪ نه ٿا ٿي وڃن تيستائين اسڪول ۽ اسڪولي تربيت، اسان جي ”عالمي پرائمري تعليم“ جي قومي ۽ بين الاقوامي حدفن کي حاصل نه ڪري سگھندي.



GBPS displays 100% achvmnt. on missing facilities with others


A School Room in GGMS, Maqsoodpur, Muzzaffargarh

"جيستائين اسان ان جي گڏيل ذميداري قبول نه ٿا ڪريون تيستائين شاگرد ۽ استاد روز روز ايندڙ آفتن جي نتيجي ۾ پنهنجون حياتيون وڃائيندا رهندا.

## 7_ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ جي اهميت ۽ ٻارڙن جو ممڪنه ڪردار

*"ڪهڙو به مضمون هجي، آفتن بابت تعليم نصاب جو لازمي حصو هئڻ گهرجي سنڌوءَ جو ڪاٻو ڪنارو هن سال ۽ ساڄو ڪنارو گذريل سال، مطلب ته اڌ سنڌ سڄو سال آفت زده رهي ٿي. ايل بي او ڊي ۽ آر بي او ڊي ان قسم جي خطرن کي هٿي ڏين ٿا."*

*(تنوير آرائين، بدين جو صحافي)*

قدرتي آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ وارو مضمون پڙهائڻ خود هڪ وڏي مهارت آهي. جيڪڏهن اهو مضمون پاڙهڻ جو طريقو موجوده طريقي جيان چسو هوندو ته اهو ان مسئلي کي نصاب ۽ سکيا جي دائري کان پرتي ڌڪي ويندو. عملي چاڻ ۽ مهارت جي مدِنظر ان کي عمل جوڳي، متحرڪ ۽ هڪٻئي کان سکيا حاصل ڪندڙ چاڻ چئي سگهجي ٿو. جيئن ته روين، اصولن ۽ لاڙن واري فريم ورڪ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي تعليم ڪيترين ئي مهارتن ۽ فنن کي تيزتر ٻڌائي، شاگردن کي آفتن کان بچاءَ لاءِ آماده ڪري ٿي ۽ هو تڏهن ئي سماج ۾ پنهنجو ذميوارانه ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ بابت چاڻ جو عمل متحرڪ، تجربن تي ٻڌل ۽ هڪ ٻئي کان سکڻ جي اصول تحت ٿئي ٿو. مهارت يا فن حاصل ڪرڻ جو مطلب آهي ته ان گهربل مهارت کي بار بار دهرايو وڃي. انهيءَ ڪري، آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ سان ڳنڍيل روايتن، روين ۽ مهارتن کي عملي بنيادن تي جانچي ۽ پوءِ اسڪول اندر بحث هيٺ آڻڻ جي ضرورت آهي. (xi)سيو دي چلڊرن اداري (2008) سري لنڪا جي هڪڙي ٻار جي بهترين ڳالهه پيش ڪندي لکيو هو ته"جيڪڏهن ٻارن کي آفتن کان بچڻ جي تربيت ڏني وڃي ته اهي سماج ۾ انقلاب برپا ڪري سگهن ٿا چاڪاڻ جو اهي اسڪولن ۽ ڳوٺن جي مستقبل جا رکوالا آهن. ان ڪانسواءِ، جيئن ته اڄ جا ٻار آئيندي جا والدين آهن، ته اهي يقينن پنهنجي چاڻ پنهنجي اولاد تائين ضرور منتقل ڪندا ۽ اهڙيءَ ريت آفتن کان بچڻ جي سکيا سڄي سماج جي ڪرت بڻجي پوندي ۽ نسل در نسل منتقل ٿيندي رهندي." (xii)

UNESCO ان ڳالهه جي پرپور وڪالت ڪندو رهيو آهي ته آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ، تعليم ذريعي ٽن طريقن سان ماڻهن تائين پهچائي وڃي: اوليت ان ڳالهه کي ڏني وڃي ته ٻارن جون زندگيون بچايون وڃن ۽ کين وڏ کان وڏ زخمي ٿيڻ کان بچايو وڃي. ٻيو، آفتن دوران توڙي ان کان هڪدم پوءِ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته تعليمي عمل گهٽ کان گهٽ متاثر ٿئي ۽ ٽيون، هڪ اهڙي سگهاري نموني ماڻهن کي تيار ڪيو وڃي جيڪا گهٽ ۾ گهٽ ٻاهرئين امداد تي تڪڙو پنهنجي پيرن تي اٿي کڙي ٿئي ۽ سماجي، معاشي ۽ ثقافتي نقصانن کي گهٽائي سگهي. اهڙي تعليم جيڪا مسئلن جا حل ڪيڻ، مسئلن کي باريڪ بينيءَ سان جانچڻ ۽ سماجي ۽ جذباتي زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ جو ڏانءُ سيکاري، سا ٻارن توڙي راڄن کي قوت بخشيءَ ٿي. آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي جي مناسب تعليم، معاشي، سماجي ۽ اردگرد جي ماحول جي ڳانڍاپي کي پڻ نظر ۾ رکندي، فائدو رسائي ٿي. (xiii)

جيئن ته هيوگو فريم ورڪ جي "عملي اوليتن" (2005-2015) ۾ اڳواڻ ئي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي مقامي، قومي ۽ ادارتي اصول تحت پيش ڪيو ويو آهي ۽ سنڌس اندرئين جزن کي نظر ۾ رکندي، آفتن کان بچاءَ واري عمل کي مضبوط ڪندي ۽ تعليم ۽ نواڻ جو استعمال ڪندي محفوظ ۽ سگهاري تهذيب ۽ روايتن کي هٿي ڏيڻ جي تجويز پيش ڪئي وئي آهي. ان ۾ اها ڳالهه به بحث هيٺ آندي وئي آهي ته "نقصانن، حساسيتن ۽ آفتن کي منهن ڏيڻ جي انتظام ڪاري جي معلومات ۽ چاڻ جي گڏيل ۽ مؤثر فراهمي پڻ هڪ محفوظ، سگهاري ۽ بچاءَ جي تدبيرن تي ٻڌل معاشري جي ضامن آهي." نئين توڙي اصلوڪي ۽ نسل در نسل ايندڙ چاڻ جيڪا انتهائي حساس ملڪن جي ضرورتن جي پيش نظر سامهون آئي آهي، ان کي سادي ۽ سلوٽي نموني، پنهنجي سماجي ۽ ثقافتي لاڙن کي نظر ۾ رکندي، هيٺ تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي. اها عملي ڪم ڪندڙن، تعليمي ۽ سائنسي ماهرن کي همٿائي ٿي ته اهي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ تي ڪم ڪن ۽ گڏيل سهڪار ۽ بحث مباحثي کي اڳيان وڌائين.

عملن جو فريم ورڪ تجويز ڪري ٿو ته لاڳاپيل پاليسيون، پلان ۽ ورجاءِ ۾ ايندڙ مشقن سان گڏوگڏ تربيتن، کوجنائن تي ڪم ڪيو وڃي ۽ سڀ کان اهم اهو ته اسڪولن لاءِ عام ۽ خاص قسم جو نصاب جوڙيو وڃي. مقامي سطح تي خطرن جو ڪاٿو لڳائڻ ۽ آفتن کان بچاءَ وارا پروگرام اسڪولن اندر ضرور شروع ڪرڻ گهرجن. ملڪي حڪومتن کي اهو تجويز ڪيو ويو آهي ته اهي پنهنجي پنهنجي ملڪن اندر ٻارڙن کي تربيت ۽ سکيا جا موقعا فراهم ڪن.

ساڳئي ئي پسِ منظر ۾، اسڪولن ۾ ٻين ادارن جي اندر توڙي ٻاهر مقرر ڪيل رضاڪار پڻ ان ڏس ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. ثقافت ۽ صنف بابت تعليم جا به موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن. موسمياتي ۽ آبهوا جي اثرن ۽ نقصانن جو علم حاصل ڪرڻ جي ٽيڪنيڪي ۽ سائنسي صلاحيت فقط تعليم ذريعي ئي ممڪن آهي. فريم ورڪ موجب، ميڊيا يا ٻين ذريعن وسيلي عوامي راءِ ۽ تعليمي مهم پڻ قومي سطح جي رٿابنديءَ لاءِ ضروري آهي. بااختيار ۽ ٻين ادارن جي لياقت ۽ ڄاڻ پڻ نقصانن کي گهٽائڻ ۽ آفتن جي بهتر انتظام ڪاريءَ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. تربيتون، فني مواد ۽ ادارتي وسيلا آفتن کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ڏئي سگهن ٿا. (xiv)

اسڪول جي انتظام ڪاري، شاگردن، استادن ۽ لاڳاپيل اختيارين کي آفتن جي روڪٿام واري عمل ۾ شامل ڪرڻ، هڪ بهتر ۽ محفوظ علمي ماحول پيدا ڪرڻ جو ضامن آهي. متوقع ۽ غير متوقع آفتن کان بچڻ جون مشقون نصابي توڙي غير نصابي سرگرمين جو حصو هئڻ گهرجن. اسڪولن جا قدرتي آفتن کان بچڻ جا پلان، قومي بچاءَ جي منصوبن جو حصو هجڻ گهرجن. قدرتي آفتن لاءِ حساس قرار ڏنل علائقن ۾ تعليم جا گهٽ ۾ گهٽ معيار مقرر ڪرڻ گهرجن. سڪڻ ۽ سيکارڻ جي پلانن جي تربيت دوران، معذور ٻارڙن ۽ انهن ٻارن جيڪي اجا اسڪول ۾ اچڻ جهڙا ناهن، کي ڌيان ۾ ضرور رکڻ گهرجي.

## 8_ سنڌ ۽ پنجاب جي نصابي ڪتابن ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جا طريقا شامل ڪرڻ

*"آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ کان به اڳ ۾ توهان کي اسڪول گهرجن."*

*(نادر شاهه، ٽئي جي ذهين جماعت جو شاگرد)*

تعليم تي ڪم ڪندڙ ماڻهو، نصابي اختياريون، پاليسي جوڙيندڙ، ماهر ۽ نظرثاني ڪندڙ ڪاميٽين جي ميمبرن وٽ، پاڪستان جي مختلف علائقن جي جاگرافيائي ۽ زميني حالتن ۾ مختلف قسمن جي آفتن جي امڪانن کي سمجهڻ جي صلاحيت هئڻ گهرجي. ڪافي مسئلن جو حل ان ڳالهه ۾ به لِڪل آهي ته ڪنهن به علائقي ۾ پيش ايندڙ آفتن جي قسمن ۽ تيزيءَ کي سمجهجي. عام ماڻهن جا گروپ جيڪي اهڙن خطرن جي متاثرين منجهان هجن، تن جي ڄاڻ هڪٻئي سان ڳانڊاپو رکي ٿي. لاڳاپيل اختيارين کي بهتر اندازو هوندو ته ٻارڙا ئي چو ايندڙ موسمياتي تباهه ڪارين جو سڀ کان وڏيڪ شڪار ٿين ٿا. اها ڳالهه پڻ لاڳاپيل آهي ته ان ڳالهه جي ڄاڻ رکجي ته

ڪهڙي علائقي ۾ ڪهڙي اسڪول ۾ ڪيترا ٻار خطرن وارن صورتحال ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ساڳئي ريت، معذور ٻارن جي ضرورتن کي ڌيان ۾ رکڻ پڻ ان سان مشروط آهي.

ضلعي يا صوبائي سطح تي حادثن کان بچڻ جا منصوبا، جن ۾ ٻارڙن جي ضرورتن ۽ اوليتن کي باقاعدي شامل ڪيو ويو هجي، پڻ اهم آهن. اهڙن منصوبن ۾ ٻارڙن جي راءِ جي شموليت ۽ منصوبي جڙڻ کان پوءِ ٻارن جي انهن تائين رسائي پڻ هڪ اهم شرط آهي. ان سان گڏوگڏ، تعليم ۽ تربيت سان لاڳاپيل فني ۽ تعليمي ڪوشن کي جاچڻ جي به وڏي اهميت آهي. انهن سڀني ڳالهين جو خيال رکڻ ڪانپوءِ ئي اهو تجويز ڪرڻ ممڪن آهي ته نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ ڇا ڪٿي ۽ ڪيترو شامل هئڻ گهرجي؟ نصاب ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي سلهاڙڻ انتهائي نفيس ۽ پيچيده مرحلو آهي. انهيءَ ڪري اهو انتهائي معقول طريقو آهي ته سنڌ ۽ پنجاب جي نصابن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لاءِ هتي موجود طريقن کي گڏوگڏ بيان ڪيو وڃي.

آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي سموري نصاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته اهو سوچي سمجهي ۽ ترتيب وار طريقي سان ڪيو وڃي. ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته احتياطي تدبيرون، تياري، حل، حساسيت جهڙن اهم موضوعن کي شامل ڪرڻ کان اڳ ۾ اسان جي حفاظت ۽ خطرن جي سائنس بابت انتهائي شروعاتي قسم جي معلومات کي وڌايو وڃي.

ٻارن لاءِ اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته آفتن جا ڪارڻ ۽ نتيجا ڪهڙا آهن ۽ ان قسم جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳ ۾، ان دوران ۽ ان کانپوءِ اسڪول اندر توڙي ٻاهر ڇا ڪرڻ گهرجي. استادن کي ٻارڙن جي حفاظت خاطر اسڪول جي ماحول، نصاب ۽ غير نصابي ڪمن ڪارين کي باقاعدي سمجهڻو پوندو. پرائمري ۽ مڊل اسڪول جي نصاب کي هت ڇنڊيو ڇاڻيو ويو آهي. ٻين ملڪن ۾ لاڳاپيل اصولن ۽ معلومات کي پڻ بيان ڪيو ويو آهي.

ٻڌايل هر طريقي ۽ ماپي جا پنهنجا سُٺا ۽ مَٺا پاسا آهن پر هر پهلوءَ جو جائزو باريڪ بينيءَ سان ورتو ويو. جيتوڻيڪ اها صاحبِ اختيارن جي مرضي تي منحصر آهي ته اهي ڪهڙي طريقي کي اپنائين ٿا ۽ ڪهڙي کي رد ڪن ٿا پر اهو ضرور آهي ته هڪ ڳوڙهي ڇنڊڇاڻ اوهان کي هڪ بهتر قسم جي چونڊ ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. هڪ يا ٻن کي ڇڏي، باقي ٻنهي صوبن جي مڙني مضمونن کي مڪمل طور ڏٺو ويو آهي ۽ لاڳاپيل تجويزون ڏنيون ويون آهن. انهيءَ سان گڏوگڏ عمل جوڳا خيال ۽ مثال پڻ ڏنا ويا آهن.

جيتوڻيڪ ان تي مختلف خيال آرائيون رهيون آهن ته آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي ڄاڻ ڏيڻ ڪهڙي جماعت کان شروع ڪجي پر تنهن هوندي به ان بابت سڀئي هڪ ئي ڳالهه تي سهمت نظر اچن ٿا. اڪثر استادن ۽ لاڳاپيل اختيارين جو خيال آهي ته "اها ڄاڻ ٻارن کي ان جماعت کان ڏني وڃي، جڏهن اهي ان کي باقاعدي سمجهڻ جي قابل هجن ۽ آفتن وقت ان کي عمل ۾ به آڻي سگهن." سنڌن مطابق ان قسم جو مواد گهٽ ۾ گهٽ ٽئين درجي کان شامل ڪرڻ گهرجي. اها ئي عمر ۽ درجو ٿئي ٿو جڏهن اڪثر ٻار پنهنجي اردگرد موجود مسئلن کي سمجهڻ شروع ڪن ٿا. ان کان گهٽ عمر ۾، تصويرون يا خاڪا ڪجهه مدد ڏئي سگهن ٿا پر نثر نه. ڏهين جماعت جي شاگردياڻي مارئي پروين چوي ٿي ته "پرائمري ۽ مڊل سطح تي پڙهائڻ جا طريقا ۽ مواد به مختلف هئڻ گهرجن." بقول ماسترياڻي فرحانه جي ته، "بهترين ڪم اهو ٿيندو ته ٽئين کان وٺي ڏهين درجي تائين ڪا هڪ آڪاڻي، نظم يا مضمون هر سطح تي شامل ڪيو وڃي." ڪجهه استادن جي راءِ موجب جيئن ته ٻهراڙيءَ ۾ ٻارڙيون جلدي اسڪول کان ويهيو رهن، تنهن ڪري جيترو پهرين اها ضروري ڄاڻ انهن تائين منتقل ڪجي اوترو بهتر آهي. ٻهراڙيءَ ۾ پنجين جماعت کان پوءِ يا ان کان به اڳ ۾، ڇوڪرين جو وڌو انگ ڪنهن نه ڪنهن سبب ڪري گهر ويهيو رهي. نئي جي ڏهين جماعت جي شاگردياڻي ماريه جو چوڻ هو ته، "ٻهراڙيءَ ۾ ڇوڪرين لاءِ الڳ سکيا جو بندوبست ڪيو وڃي جو انهيءَ ريت ئي ڇوڪرين جي مخصوص مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪري سگهجي ٿي." ڇوڪريون گهرداريءَ جي ڪري يا وري ٻني ٻاري جي ڪري غير حاضر رهن ٿيون.

8.1_ روح ڦوڪڻ يا پيهي وڃڻ وارو طريقيڪار

*"آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي نصاب جو لازمي حصو هئڻ گهرجي. ان حوالي سان تربيت ڏيڻ اڃا به بهتر آهي. ان سان اسان جي ان مسئلي بابت سمجهه وڌندي جيئن ديڱي مچر بابت سبق شامل ڪرڻ سان وڌي آهي. هاڻ اسان کي خبر آهي ته ڪهڙي وقت ڇا ۽ ڪيئن ڪرڻ گهرجي. اهو انتهائي ڪارآمد آهي."*

*(مشتاق حسين، گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، بستي درخاوالا)*

روح ڦوڪڻ يا بنهه پيهي وڃڻ واري طريقي موجب، موجوده نصاب جي ڪيترن ئي مضمونن ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي شامل ڪري سگهجي ٿو. نصاب کي ان ريت چنبڊيو چاڻيو ويو آهي ته جيئن اهو ڏسي سگهجي ته ڪهڙي مضمون ۾ ڪهڙو مواد ۽ ڪيئن شامل ڪرڻ جڳائي. اهو مرحلو يا ته لفظي هوندو يا عملي، مضمون جي چنڊڇاڻ ڪري اهو ٻڌائيندو ته اهو مضمون، مثلن جاگرافي يا سماجي اڀياس، ان ڪم لاءِ موزون آهي يا نه ۽ گڏوگڏ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ وارو موضوع، مختلف مضمونن مثلن ادب، سائنس ۽ رياضيءَ ۾ ڪهڙيءَ ريت شامل ڪري سگهجي ٿو.

“اڳيان وڌي ڪم ڪرڻ” ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته اهڙن سياسي، معاشي، ثقافتي ۽ سماجي سببن کي پڻ جانچيو وڃي جيڪي آفتن ۽ انهن جي اثرن کي وڌائڻ يا گهٽائڻ ۾ ڪردار ادا ڪن ٿا. انڊونيشيا ۽ ٻين هڪ ٻن ملڪن ڪانسواءِ، اها شيءَ تمام گهٽ نظر اچي ٿي ته آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پراڻن اصلوڪن طريقن ۽ مهارتن کي پڻ نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي (ساڳيو). آءٌ هتي اهو باقاعدي زور ڏئي ڳالهه ڪندس ته بچاءَ ۽ تياريءَ جي مقامي طريقن جي نشاندهي ڪئي وڃي ۽ ان کي اسڪولي ڪتابن ۾ پڻ شامل ڪيو وڃي ته جيئن جيڪو ٻار پنهنجي مخصوص تهذيب ۽ ثقافت مان اڳ ۾ ئي سکيو ويٺا آهن، سو وڌيڪ مضبوط ٿئي. جتي ٻوڏون يا ان قسم جون آفتون اينديون رهن ٿيون، اتي مقامي ماڻهن جو نقطئه نظر ڏاڍو اهم ٿئي ٿو. ساڳئي ريت، اهي روايتون ۽ عادتون جيڪي آفتن جي اثرن ۽ خطرن کي وڌائين ٿيون، تن کي ڪتابن ۽ اسڪولي تربيت ذريعي ضرور ننڍڻ گهرجي.

استاد، شاگرد ۽ اسڪولن جون ڪائونسلون آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي پرائمري ۽ سيڪنڊري سطح جي ڪتابن ۾ شامل ڪرڻ لاءِ هڪ حد تائين ساڳيا ۽ ڪجهه مختلف رايا پڻ رکن ٿيون. جيئن ته انهيءَ نقطئه نظر کي بيان ڪندي، ان جي درجه بندي به ڪئي وئي آهي ته جيئن پهرئين جماعت کان وٺي اٺين جماعت تائين جي نصابي ڪتابن جي چنڊڇاڻ ڪري سگهجي. ان ڪم ۾ آساني ۽ بهتر تجويزن خاطر، وڌ کان وڌ جماعتن جي ڪتابن جي پراڻي ڇاپن کي به پڙهيو ويو آهي. هر چنڊڇاڻ جا چوند ٽڪرا، يونيسيف ۽ ٻين ماهرن جي طريقن جي وضاحت ڪن ٿا.

8.1.1_ سنڌي، اڙدو ۽ انگريزي نصابي ڪتابن تي مڪمل نظرثاني

ٺٽي ۽ بدين (سنڌ) جي سمورن تعلقن جي تقريبن مڙني پرائمري استادن، شاگردن ۽ ايس ايم سي جو آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي پيغامن کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ بابت، ان ڳالهه تي اتفاق هو ته “نصاب ۾ جيڪي ڪجهه شامل ڪيو وڃي اهو سنڌي ۽ آسان سنڌيءَ جي مضمونن ۾ ڪيو وڃي ته جيئن ان جو مقصد حاصل ٿي سگهي. سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ئي رائج آهي. استاد، شاگرد ۽ مائٽ هر ڳالهه ٻولهه ان ئي زبان ۾ ڪن ٿا ۽ منجهس ايتري وسعت آهي جو اها آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ سميت ڪيترن ئي موضوعن ۽ مسئلن کي بهتر نموني پيش ڪري سگهي. ”

استاد، شاگرد ۽ سماجي ڪارڪن، ان خيال تي ڪم ڪرڻ ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺن ٿا، جيڪو ڪين سندن ٻوليءَ ۾ سمجهايو وڃي. روايت موجب، اڳتي هلي سنڌي شاعر، ليکڪ ۽ ماهر پڻ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ تي نئين انداز ۾ لکڻ شروع ڪندا.

ليه، مظهر ڳڙهه ۽ راجن پور (ڏاکڻي پنجاب) جي تقريبن اڌ کان مٿي استادن پڻ اڙدو مضمون جي گهٽ وڌ ساڳئي ريت وڪالت ڪئي. “استاد ۽ شاگرد نه فقط پنهنجي ٻولي ذريعي شين کي بهتر سمجهندا پر اهي ان لقاءَ کي پنهنجي آس پاس جي ماحول مان سکيل ڳالهين سان ان کي پڻ جوڙيندا. گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، روجهاڻ جي ماستر عبدالحميد جي چواڻي ته، “مقامي زبان جهڙوڪ سرائڪي اڙدو کي پنهنجا لفظ ڏنا به آهن ۽ ان جا لفظ پاڻ ۾ ضم به ڪيا آهن. ڪيترين ئي اسڪولن جي ماسترياڻين پڻ اڙدو زبان، کي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ متعلق معلومات فراهم ڪرڻ جو بهتر ذريعو قرار ڏنو آهي. جيڪڏهن ٻار بنيادي شيون اڙدوءَ ۾ پڙهندا ته اهي آسانيءَ سان انهن کي پنهنجي مشاهدي ۽ تجربي ۾ آڻي سگهندا. تنهنڪري، سنڌي ۽ اڙدو ئي شروعات ڪرڻ لاءِ بهترين مضمون آهن.

**8.1.1.1_ سنڌي ۽ آسان سنڌي زبان ۾ ادب**

سنڌ جي فطري زبان هئڻ ڪري، سنڌي اهڙو مضمون آهي، جنهن ۾

ٻارڙن کي سيکارڻ جي حوالي سان آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ متعلق مختلف پيغام ۽ خيال بخوبي شامل ڪري سگهجن ٿا. اهو خيال ڪيترن ئي استادن، ماهرن ۽ سماجي ڪارڪنن” ۽ سنڌ جي ڪجهه شاگردن پيش ڪيو. سموري سنڌ جي اسڪولن اندر شاهه

عبداللطيف ڀٽائيءَ جي صوفياڻي شاعري، قول ۽ پيغام اڪريل نظر آيا. اهو طريقو پنجاب جي پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن کان بنهه مختلف لڳو. اٺين جماعت جي سبق پورهيت پرچار (صفحو 9) ماحوليات (ص 19)، شهري بچاءُ سڪيا (ص 22)، افرادي قوت (ص 36)، شهرين جا فرض (ص 62) ۽ انسانيت (ص 86) اهي سبق آهن جن ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ سان لاڳاپيل پيغام ۽ ڳالهيون وڌي آسانيءَ سان بنا ڪنهن وڌي ڦيرڦار جي وجهي سگهجن ٿيون. هت اڳ ۾ ئي آفتن جي خطرن ڪي منهن ڏيڻ جي حوالي سان اها ڳالهه زير بحث اچي چڪي آهي ته اهو سڀ ڪجهه ٻارڙن ڪي سکڻ جي ضرورت آهي. شهري بچاءُ سڪيا، ماحوليات ۽ انسانيت وارن مضمونن ۾ ماحوليات، ماحولياتي گدلاڻ ۽ سماجي ڀلائيءَ جي ڪمن جي اهميت ڪي ڳنڍيندي سڌو ايمرجنسي، ان جي تياري ۽ ان کان بچاءَ جي حلن بابت ڳالهه ٻولهه ڪري سگهجي ٿي. سنڌي ستين جماعت جي ڪتاب ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي ڳالهه هيٺين سبقن ۾ ڪري سگهجي ٿي: مهاڻو (ص 58)، منهنجو وطن (ص 61)، ماحول جي گدلاڻ (ص 84) ۽ آباديءَ جي رٿابندي (ص 88).




All school walls read Shah Latif's poetry in Sindhi

جيتوڻيڪ ظاهري طور انهن سبقن جو ڪو سڌو واسطو آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي ڳالهه سان ناهي پر تنهن هوندي به انهن ۾ اها ڳالهه شامل ڪري سگهجي ٿي.

ساڳي ريت، ستين جماعت جي آسان سنڌي مضمون ۾ شامل سبقن جهڙوڪ: ڳوٺاڻي زندگي (ص 23) ۽ فطرت جو اپياس (ص 64) ۾ خطرن، انجي انتظام ڪاري ۽ سگهاري پن بابت مختلف پهلوئن کي شامل ڪري سگهجي ٿو. انهن سبقن ۾ ڪجهه اهڙين جاين جي به نشاندهي ڪري سگهجي ٿي، جتي آفتن کي منهن ڏيندڙ رهائشي ۽ اسڪولي عمارتن جوڙڻ جي ڳالهه ڪري سگهجي ٿي. مثال طور، سنڌي ڇهين جماعت جي سبق مثالي ڳوٺ (ص 13) ۾ هڪ مثالي ڳوٺ جي ڪيترين ڳالهين بابت شيون شامل آهن، جهڙوڪ: رٿابنديءَ تحت جڙيل گهر، گندي پاڻيءَ جي نيڪالي، مٺي پاڻيءَ جي سپلائي، پرائمري ۽ مدل اسڪول جو قيام، اسپتال (ماڻهن ۽ جانورن لاءِ)، ٽپال گهر، راندين جو گرائونڊ وغيره. ان ۾ غريبن جي مدد لاءِ ڳوٺاڻي فنڊ قائم ڪرڻ جي به ڳالهه آهي. اها ڳالهه زبردست آهي ته ان ۾ زندگيءَ جي هر ضرورت ۽ تقريبن مڙني بنيادي سهولتن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي آهي. اها ئي مناسب جاءِ آهي جتي آفتن کي منهن ڏيڻ بابت اڳواٽ تياري، تربيت يافته سگهارن شاگردن ۽ ان سان لاڳاپيل ٻين صفتن بابت مواد شامل ڪري سگهجي ٿو ته جيئن مثالي ڳوٺ جي هڪ ٻي اهم ضرورت جي نشاندهي ڪري سگهجي. ساڳي ريت ڪجهه سبقن ۾ سمجهاڻيءَ خاطر مثالن طور به آفتن سان لاڳاپيل معلومات شامل ڪري سگهجي ٿي، جهڙوڪ: "شهر جي صفائي" (ص 16) ۾ موسمياتي اثرن بابت؛ "مليريا" (ص 21) ۾ تيز برساتن، ٻوڏن ۽ سنڌ جي اڪثر حصن ۾ برسات يا ٻوڏ جي بيٺل پاڻيءَ بابت: "زراعت" (ص 24) ۾ سوڪهڙي توڙي آبڪلاڻي واري صورتحال بابت ٻارن کي ڄاڻ ڏيندي، امڪاني آفتن ۽ انهن کي منهن ڏيڻ بابت سنڌن سمجهه کي وڌائي سگهجي ٿو.



All school walls in Punjab read moral messages in Urdu

ڇهين جماعت جي آسان سنڌي ڪتاب ۾ هڪ خاص سبق "سٺو شهري" (ص 11) ان مقصد لاءِ انتهائي موزون آهي.

آفتن بابت شعور ۽ ايمرجنسيءَ دوران رضاڪارانه ڪم هڪ سٺي شهريءَ جي اهم خصوصيتن طور شامل ڪري سگهجن ٿا. ساڳي ريت، "سگهڙ زال" (ص 23) ۽ "پڙهيل ماڻهو" (ص 28) اهڙا ٻيا به سبق آهن، جنهن ۾ سگهڙ زال ۽ پڙهيل ماڻهوءَ جي خوبين ۾ آفتن بابت شعور ۽ ان قسم جي ڏکئي ويل ۾ انهن جو باهمت ڪردار بيان ڪري سگهجي ٿو. پنجين درجي جي سبق "اسڪائوٽ گرلس گائيڊ" (ص 32) ۾ اسڪائوٽ جي مهارتن ۾ باهه وسائڻ، عارضي گهر اڏڻ يا شاميانه لڳائڻ ۽ جنگي يا سماجي ويڙهه وقت کاڌ خوراڪ، پيئڻ جي پاڻي، ڀهرئين طبي امداد ۽ ٻين ضرورتن بابت ڳالهه ٻولهه شامل آهي. اهو تجويز ڪري سگهجي ٿو ان مان جنگ وارو پهلو ڪڍي، سموري سبق کي قدرتي توڙي هٿرادو آفتن ۽ انهن کي منهن ڏيڻ بابت نهڪائي تيار ڪجي. سبق کي تمام گهڻ ماهراڻي نظرثانيءَ جي ضرورت پوندي جڏهن ته سمورو سبق ايمرجنسي واري صورتحال جي مسئلن ۽ انهن کي منهن ڏيڻ جي حوالي سان بنهه ٺهڪيو اچي.

ان کان اڳين سبق "گڏيل قومن جو ادارو" (ص 44) ۾ "تعليمي، سائنسي ۽ ثقافتي ادارو" (ص 43) ۾ اهو خال موجود آهي ته ان اداري جو آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي تعليم ۾ سلهاڙڻ جي حوالي سان اهم ڪردار پيش ڪري سگهجي ٿو. "شهري رضاڪار" (ص 74) ۾ اڳواٽ ئي شهري رضاڪار مردن ۽ عورتن جو ايمرجنسيءَ جي مڙني ضرورتن، جهڙوڪ: کاڌ خوراڪ، ڪپڙا، صحت، اجهو، گم ٿيل ماڻهن جي ڳولا ۽ ڦاٿل ماڻهن کي ڪيڻ جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ٿيل آهي. ان ۾ فقط هڪڙي شيءَ ڪٽل آهي سا آهي

قدرتي آفت اچڻ کان اڳ ۾ گھربل احتياطي تدبيرون. ان منجهان به جنگي عنصر کي خارج ڪري، ان کي وڌيڪ ڪارائتي بنائڻ جي تجويز رکجي ٿي. جنگي ڌمڪين کانسواءِ، ان قسم جي سبقن کي معمول جي زندگي ۽ قدرتي آفتن کي باٿر نموني منهن ڏيڻ سان سلهاڙڻ گهرجي. اها ڳالهه مثبت سوچن ۽ پرامن معاشري جي جوڙجڪ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿيندي.

نظم ”ٻين سان ڀلائي ڪرڻ“ (پنجين جماعت، ص 18) ۾ عام ماڻهوءَ سان ڀلائي ڪرڻ بابت رغبت ڏني وئي آهي. ان قسم جو نظم هتي يا ڪنهن ٻي ڪلاس جي ڪتاب ۾ آفتن جي دوران ۽ بعد ۾ گڏيل مدد يا سهڪار بابت شامل ڪري سگهجي ٿو. ”شهرين جون ذميداريون“ (چوٿين جماعت، ص 61) ۾ جمهوري نظامِ جي اهميت کانسواءِ دشمنن جي حملن کان بچاءَ بابت شهرين جي ڪردار تي ڳالهه ٻولهه ٿيل آهي. هتي آرام سان مرد توڙي عورت جي قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ بابت ڪن پراڻن مثالن جي مدِنظر هڪڙي سٽ شامل ڪري سگهجي ٿي. ”ٻڌيءَ ۾ طاقت“ (ص 77) هڪ ٻيو موقعو آهي، جتي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ سان لاڳاپيل پيغام وجهي سگهجن ٿا. ٽئين درجي جي آسان سنڌي الف _ ب پڙهائڻ وقت پڻ واچوڙن، ٻوڏن، طوفانن، آفتن جي زد ۾ آيل عمارتن ۽ سوڪهڙي بابت مختلف خاڪا يا تصويرون، سادا لفظ يا اشارا استعمال ڪري سگهجن ٿا.

”اچو ته ٻوٽا پوکيون“ (درجو ٽيون، ص 36) سبق ۾ به آساني سان ٻارڙن کي ٻوڏن، ڇپن ڪرڻ، زمين جي دريا يا سمونڊ خوردي ۽ زلزلن کان قدرتي بچاءَ واري وڻن جي خاصيت بابت ٻڌائي سگهجي ٿو پر افسوس جو ان سبق ۾ اهو پهلو نظر نه ٿو اچي.

”هوا“ (ص 39) ۽ ”پاڻي“ (ص 60) سبقن ۾ پڻ ڪجهه لفظ ان لقاءِ بابت شامل ڪري سگهجن ٿا ته هوا ۽ پاڻيءَ جهڙا قدرتي عنصر جڏهن پنهنجي من مستيءَ تي اچن ٿا ته ڪهڙا ڪلور ڪن ٿا. ”ضلعي جو انتظام“ (ص 65) سبق ۾ شهري دفاع واري کاتي جو ڪردار بيان ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ان کي آفتن جي انتظام ڪاري ۽ ان جي ڪردار سان مٽڻ جي اشد ضرورت آهي. ٻئين درجي جي سنڌي درسي ڪتاب ۾ ٻين جي مدد ڪرڻ (ص 20) ۽ ڳوٺ جو سير (ص 51) سبقن ۾ آفتن بابت معلومات ڏيندڙ ڪجهه لفظ ۽ پيغام وجهي سگهجن ٿا. ساڳئي ريت، سنڌي پهريون ڪتاب ۽ سنڌي درسي ڪتاب، پهرئين درجي لاءِ، ۾ آفتن بابت ڪجهه خاص لفظ، خاڪا ۽ تصويرون شامل ڪري سگهجن ٿا. درسي ڪتابن تي ڪم ڪندڙ ماهرن ۽ نصاب جي نظرثاني ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي مدد سان ان بابت ڪجهه نوس خيال ۽ خاڪا جوڙي سگهجن ٿا. بيشڪ اهو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، جيڪو شروع کان وٺي نصاب ۾ لاڳاپيل سبقن ۾ وجهڻ جي آخري مرحلي تائين سڀني لاڳاپيل شعبن کي گڏ وٺي هلڻ کان سواءِ ناممڪن آهي.

8.1.1.2- اڙدو زبان جي چند چاڻ ۽ ادبي نصاب

*”اڙدو، ٻارن تائين نون خيالن پهچائڻ جو بهترين ذريعو آهي. اها سمجهڻ ۾ سادي سولي آهي ۽ ان ٻوليءَ ۾ شين کي اڳڀان به آسانيءَ سان پهچائي سگهجي ٿو.“*

*(گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول جي ماسترياڻي ڪلثوم بي بي ۽ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ريلوي روڊ، ليه جا فوڪس گروپ ۾ شرڪت ڪندڙ)*

مضمون جهڙوڪ: ”ماحول پر انساني اثرات“ (ماحول تي انساني اثر، (درجو ڏهون، ص 105، پنجاب ٽيڪسٽ بڪ بورڊ) ۽ اهڙا ئي ڪجهه مضمون سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي ڪتابن ۾ آهن، جهڙوڪ ”انسان اور اسڪا ماحول“ (انسان ۽ ان جو ماحول) (درجو ڇهون، ص 74) ۽ ماحول (درجو ٽيون، ص 11) اهي مڙئي مضمون ماحولياتي گدلاڻ، تباهي ۽ ماحول کي محفوظ بنائڻ جي امتحان

ڏانهن ڌيان ڇڪائين ٿا. اهي مضمون جڏهن ماحولياتي گدلاڻ جي ڪارڻ ۽ نتيجن تي ڳالهائين ٿا ته منجهن وڏن ڏماڪن جهڙوڪ: فيڪٽريءَ ۾ لڳندڙ باهه، پراڻين ۽ غير محفوظ عمارتن جو ڊهڻ، تيل جو وهڻ يا ڊبُو ٿيڻ، تابڪاري ۽ ڪيميائي ڌماڪن ۽ انهن مڙني خطرن کي گهٽائڻ بابت ڪجهه ضروري معلومات شامل ڪري سگهجي ٿي. ٽئين درجي جي پراڻي نصاب ۾ هڪ آڪاڻي "سيلاب" نالي شامل هئي، جيڪا نئين نصاب ۾ ڪانهي. ساڳئي ريت، چوٿين درجي ۾ هڪڙو مضمون "قدرتي آفات اور سيلاب کي تباهه ڪاريان" (قدرتي آفتون ۽ سيلان جون تباهيون) شامل هو، جيڪو هاڻ ڪونهي. چام پور جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جي ماستر عنايت علي ٻڌايو ته، "اسين پنهنجي اسڪول واري وقت ۾ واچوڙن تي مضمون "جڪڙ" ۽ "بگولي" (شعلا)، "ڪٽاؤ" (زمين جو ڪاٽجڻ) ۽ رود ڪوهي (نئي) بابت پڙهندا هئاسين. اهي مضمون هاڻ نصاب ۾ شامل نه ڪونهن. مختصر اهو ته ٻين مضمونن جي پيٽ ۾ جاگرافيءَ کي گهٽ اهميت آهي." "شهري دفاع" (درجو اٺون، ص 73، پنجاب ٽيڪسٽ بڪ بورڊ) ان ڪم لاءِ هڪ بهترين سبق آهي پر ان کي ٻين آفتن جي برعڪس فقط جنگ تائين محدود ڪيو ويو آهي، جيڪڏهن انجو رخ جنگ واري مطلب کان ٿورو موڙجي ته آرام سان ان کي قدرتي آفتن ۽ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي سان سلهاڙي سگهجي ٿو. ان ۾ ٻوڏ بابت بيان اڳ ۾ ئي شامل آهي. ان سبق ۾ شهري دفاع جي حوالي سان پنجن ڪاتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ حيرت جي ڳالهه اها آهي ته منجهن آفتن کان بچاءُ جي انتظام ڪاري ۽ رابطا ڪاريءَ واري ڪاتي جو نالو ئي ڪونهي. اُءُ تجويز ڪندس ته هتي ان جو نالو به شامل ڪيو وڃي. ان ڪانپوءِ "اسڪائوٽنگ" (ص 75) جو سبق اچي ٿو، جنهن ۾ هڪ اسڪائوٽ ۾ بهادري ۽ رضا ڪارانه جذبي سان گڏو گڏ اسڪائوٽ جي ڪيترين ئي خصوصيتن جو تذڪرو ٿيل آهي. سنڌ ۾ پڻ پنجين درجي جي نصابي ڪتاب (ص 78) ۾ ساڳئي قسم جو سبق شامل آهي، فقط ان ۾ جيڪڏهن آفتن دوران ۽ بعد ۾ اسڪائوٽ جي ڪردار جي تشريح ڪئي وڃي ته ان جو خاڪو بنهه مڪمل ٿي پوندو. هڪ اسڪائوٽ هن ڌرتي تي قدرتي آفتن دوران ٻين ماڻهن جي مدد ڇو نٿو ڪري سگهي؟ ڇو اڄا تائين ڪيس سندس باني بيدن پاول جي 1940ع ۾ ٻڌايل خاڪي تائين محدود رکيو ويو آهي؟ وقت تبديل ٿي چڪو آهي ۽ ان ڳالهه جي اشد ضرورت آهي ته اسڪائوٽ جي ڪردار تي پڻ نظرثاني ڪئي وڃي.

"گدلاڻ" بابت هڪ سٺو نظم پڻ موجود آهي، جيڪڏهن هتي يا ڇهين يا ستين جماعت جي ڪتابن ۾ هڪ نظم قدرتي آفتن بابت پڻ لکيو وڃي ته ڪهڙي نه چڱي ڳالهه ٿي پوي. سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي اٺين جماعت جي آسان اڙدو ڪتاب (ص 65) ۾ "اسلا مي ممالڪ ڪي تنظيمين" (اسلامي ملڪن جي تنظيمن) سبق ۾ ترقي بابت علائقائي سهڪار تنظيم جي موضوع هيٺ پاڙيسري مسلم ملڪن ۽ دنيا جي مسلم ملڪن جي وچ ۾ گڏيل سماجي، سياسي ۽ معاشي ترقيءَ لاءِ ٿيل ڪيترن ئي معاهدن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ منجهس اها ڪوٺ موجود آهي ته انهن معاهدن جي سمجهاڻيءَ ۾ قدرتي آفتن کي بهتر طريقي سان منهن ڏيڻ لاءِ باهمي امداد جو ذڪر ئي ڪونهي، جڏهن ته مزي جي ڳالهه اها آهي ته ايران، پاڪستان ۽ ترڪي ٽئي علائقائي تعاون برائي ترقيءَ جا اهم ميمبر آهن ۽ ٽنهي جو شمار قدرتي آفتن وارن علائقن ۾ ٿئي ٿو، خصوصن اهي ٽئي ملڪ وقت بوقت ايندڙ زلزلن جي خطري هيٺ رهن ٿا.

پنجاب ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي پنجين، ڇهين ۽ ستين جماعت جي اڙدو نصاب ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي چوٿين جماعت جي آسان اڙدو نصاب ۾ قدرتي خطرن يا رونما ٿيندڙ آفتن سان ٿورو گهڻو ملندڙ جلندڙ نه ڪو سبق شامل آهي ۽ نه ڪو نظم، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي پنجين درجي جي ڪتاب ۾ "درختون ني ڪها" (وڻن چيو، ص 50) وڻن جي اهميت ۽ ماحول کي بچائڻ ۾ سندن ڪردار بابت هڪ بهترين ڪهاڻي آهي. ان ۾ هڪڙو ننڍڙو ٽڪرو اڃين به شامل ڪري سگهجي ٿو ته هڪ وڻ هڪڙي ننڍڙي ٻار کي هن ڌرتيءَ تي سندس وجود جي اهميت سمجهائيندي، اهو ٻڌائي ٿو ته وڻ انسانن کي قدرتي آفتن جي تباهه ڪن اثرن کان ڪيئن بچائي ٿو. انهيءَ خيال کي هٿي ڏيندي، گورنمينٽ ريلوي هاءِ اسڪول (ليه) جي هڪ استاد چيو ته جيڪڏهن غربت ۽ ماڻڻ جي محبت بابت ذهين مرچو جي مزيدار آڪاڻي شامل آهي ته انهيءَ قسم جي هڪڙي آڪاڻي قدرتي آفتن جي ڏکن ۽ دردن بابت به جوڙي سگهجي ٿي.

پنجاب ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي چوٿين درجي جي ڪتاب ۾ رضاڪار (ص 64) ۽ هماري آبادي (اسانجي آبادي، ص 77) اهڙا به سبق آهن جن ۾ ٻارن کي وڌندڙ آباديءَ بابت هوشيار ڪرڻ سان گڏو گڏ آفتن جي وڏين تباهين ۽ انتظام ڪاريءَ جي ڏکيائين بابت ٻڌايو ويو آهي مٿي ڏنل تجويزون ايليمينٽري سطح لاءِ به ساڳيون آهن.




Tablet in Ed. Deptt, Lyyah reads: Islam as soul purpose of educ.

8.1.1.3 انگريزي جي نصابي ڪتابن تي نظرثاني

سنڌي ۽ اڙدو ڪانپوءِ ضروري آهي ته انگريزي نصاب جي چند ڇاڻ ڪئي وڃي. جيتوڻيڪ انگريزي مضمون ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي کي سلهاڙڻ بابت تمام گهٽ رايا سامهون آيا آهن پر وقت سان گڏو گڏ ان جي اهميت وڌندي وڃي، انئين ۽ ذهين جماعتن (سنڌ توڙي پنجاب) جي نصابي ڪتابن ۾ ان قسم جو ڪو به سبق شامل ڪونهي جتي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي سان لڳاپيل خيال يا پيغام تجويز ڪيا وڃن. جڏهن ته

مزي جي ڳالهه اها آهي ته انگريزي جي نصاب ۾ اڙدو، پاڪستان اڀياس يا سماجي اڀياس ڪان ڪو ٿورو ئي مختلف نصاب شامل آهي، ڪجهه حصو ته چڙ هڪبئي جي مضمونن جو ترجمو ٿو لڳي، جنهن ۾ حب الوطني، اسلام ازم، اسلامي قومي ڀائيچاري ۽ فوج جي عظمت کي ساراهيو ويو آهي. ٻنهي صوبن ۾ تقريبن سمورو نصاب هڪبئي ڪان ورتو ويو آهي. ساڳيا پراڻا خيال، تنگ نظر آڪاٽيون ۽ مضمون شامل آهن، جيڪي ڪجهه مزو مهيا ڪن ٿا ۽ ڪجهه ٻولي کي سڌارڻ جو ڪم ڏين ٿا،

سماجي سائنس جا مڙئي مضمون مثلن سماجي اڀياس، پاڪستان اڀياس، اڙدو ۽ انگريزي يا ته ڪنهن مخصوص نظريي جي طرفداري ڪندي نظر اچن ٿا يا ملڪ ۾ موجود هندن، عيسائين، سکن يا ٻين اقليتن جي مسئلن تي خاموش! اقليتن ڏانهن طرفداري توڙي نظراندازيءَ وارا رويا ۽ جذبا، آفت سٽيل ماڻهن جي سهڪار ڪرڻ وقت ڪڏهن مڪمل ته ڪڏهن اڌوگابرو اثرانداز ضرور ٿين ٿا. انهن مان ته اڪثر سرڪاري ادارن طرفان مليل امداد کان وانجهيل رهجيو وڃن. نصابي ڪتابن ذريعي اقليتن کي برابر شهرين واري عزت ۽ اهميت جي تعليم ڏيڻ سان سماجي روين کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو.

ڏهين جماعت جي سبق ”پورهئي جي اهميت“ (ص 28) کي به آساني سان 2010-2009 جي پنجاب جي ٻوڏ ۽ 2011 واري سنڌ جي برساتي ٻوڏ ۾ شاگردن ۽ رضاڪارن جيئن ماڻهن کي بچايو، امداد مهيا ڪئي ۽ سندن ڀيهر بحالي ڪئي، ان ڪردار سان مَٽي سگهجي ٿو. حقيقي عملي واقعن کي سهيڙي، سبق جو حصو بڻائي سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت ٻوڏ ۾ پيش ايندڙ مسئلا بيان ڪري سگهجن ٿا ۽ ان مان ٻئي مقصد حاصل ٿيندا.

سنڌ ۽ پنجاب (پراڻي نصاب) جي پهرئين، ٻئين، ٽئين، پنجين ۽ ڇهين درجي جو انگريزي نصاب انتهائي بنيادي قسم جو آهي. انهيءَ جو اهم مقصد شاگردن کي انگريزي زبان پڙهائڻ آهي ۽ کين ان قابل بنائڻ آهي ته اهي مختلف صورتحالن ۾ انگريزي ٻوليءَ جو بهتر استعمال ڪري سگهن. انهيءَ ڪري هتي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ سان لاڳاپيل ڪا به تجويز ڏيڻ ناموزون ٿيندو. پنجاب جي چوٿين جماعت جي انگريزي ڪتاب جي ٽن سبقن ”مختلف ماڻهن جا مختلف ڪم“ (ص 4)، ”حنا جو ڳوٺ“ (ص 11) ۽ ”تصويري ڪهاڻي“ (ص 26) ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ ۽ ان سان لاڳاپيل پيغامن ۽ تشريح کي هڪ حد تائين شامل ڪري سگهجي ٿو. هتي لاڳاپيل ڪاتن جي عملدارن، بچاءَ ٽيمن، جٿن ۽ آفتن لاءِ اڳواٽ تيار ٿيل ڳوٺن جا ۽ اهڙا ڪي بيا خاڪا پيش ڪري سگهجن ٿا. پنجاب جو نئون نصاب مثلن انگريزي ڪتاب پهرئين ۽ ڇهين درجي لاءِ، ۾ اڳي جي ڀيٽ ۾ ڪجهه وڌيڪ مواد شامل آهي پر ظاهر آهي ته مقصد مٿي بيان ڪيل ساڳيو ئي آهي، جيڪو بلڪل ٺيڪ آهي ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي ردوبدل جي ضرورت ڪانهي. بهرحال ڪجهه لفظ، خاڪا، محاورا، استعارا وغيره وچ ۾ ڏئي، قدرتي آفتن دوران درپيش مسئلن ۽ ان سموري خيال کي پيش ڪري سگهجي ٿو.



8.2_ محدود گهيڙ لاءِ نصابي ڪتابن تي نظرثاني: سماجي اڀياس ۽ پاڪستان اڀياس

*”شاگردن کي تاريخ ۽ آفتن جي ڳانڍاپي بابت ضرور سمجهائڻ گهرجي.“*

*(رضوان بروهي، ٺٽو لينگويج اڪيڊميءَ جو ڏهين درجي جو شاگرد)*

آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي ڪتابن ۾ شامل ڪرڻ جي هر وقت ضرورت پئي محسوس ٿيندي رهي آهي پر باوجود ان جي اها ڳالهه پڪ سان نٿي چئي سگهجي ته فقط نصابي ڪتاب، جن ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جا پيغام شامل هوندا، سي ڪيتري حد تائين ماڻهن منجهه انتظام ڪاري صلاحيتون ۽ سکيا پيدا ڪري سگهندا. جيتوڻيڪ نصابي ڪتاب هميشه آفتن جي ڪارڻن ۽ نتيجن ۽ احتياطي تدبيرون بيان ڪرڻ ۾ ڏادا ڀلا رهيا آهن پر اهي اڳواٽ تياري ۽ حلن لاءِ گهربل مهارتن پيدا ڪرڻ ۾ پٺتي پئي رهيا آهن. (يونيسڪو ۽ يونيسيف، 2012)

قدرتي آفتن جي حوالي سان ان ڳالهه جي بنهه گهٽ ثابتي ملندي ته ٻار جي سکيا لاءِ ڪنهن خاص مضمون جي چونڊ ڪئي وڃي. سچي سکيا ۽ ڄاڻ جي عمل ۾، اهم پيغام، علم، مهارتون ۽ رويا سيني مضمونن ۾ مشڪل سان نقش ٿيل هوندا. چند ترقي يافته ملڪ ڪانسواءِ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي ڄاڻ ۽ سمجهه کي هر طرفان مضبوط بنائڻ جو مثال تمام گهٽ ملي ٿو. گهڙي وڃڻ يا چائنجي وڃڻ يا جامع نموني شين کي وڻڻ واري طريقيڪار جي هڪڙي خامي آهي سندس گڏيل غير شراڪت داري! انهيءَ ڪري، ان شيءَ جي گنجائش موجود آهي ته ٻن کي ملائجي، ته جيئن بهتر کان بهترين ڏانهن وک وڌائي سگهجي. آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي ڄاڻ مڙني سائنس جي مضمونن، سماجي مضمونن، جاگرافي، شهريت ۽ ڪجهه ٻين مضمونن سان گڏي، مضبوط ڪري سگهجي ٿي. آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ لاءِ موزون ماحول جوڙڻ لاءِ هڪ ٻيو طريقو اهو ٿي سگهي ٿو ته سموري نصاب ۾ بهتريون آنديون وڃن. اهو

طريقيڪار ڪجهه حساس قرار ڏنل ملڪن، جهڙوڪ: جاپان ۽ انڊونيشيا ۾ تيزيءَ سان پکڙيو آهي (ساڳيو) ۽ پاڪستان لاءِ پڻ اهو طريقيڪار سڀ کان بهتر رهندو ۽ هي سموري چنڊڇاڻ به انهيءَ نقطئه نظر کان ڪئي وئي آهي.

پنجاب ۾ تقريبن 50 سيڪڙو ۽ سنڌ ۾ 30 سيڪڙو کان مٿي ماڻهن، سماجي اڀياس ۽ پاڪستان اڀياس کي ماحولياتي تبديلين ۽ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ مواد شامل ڪرڻ جي حساب سان انتهائي موزون مضمون قرار ڏنو آهي. لاڳاپيل مسئلا اڳواڻ ئي انهن مضمونن جو حصو آهن ۽ منجهن قدرتي آفتن جي حوالي سان جاگرافي، ماحوليات، آبادي ۽ تاريخ بابت مواد شامل آهي. ان جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

پنجين، ڇهين، اٺين، نائين ۽ ڏهين درجي کان وٺي ايليمينٽري سطح تائين،سماجي اڀياس ۽ پاڪستان اڀياس، تاريخ، سياسيات، نظامِ حڪومت ۽ اهڙي قسم جي نظرياتي پيغامن سان ڀريا پيا آهن. ڪجهه مضمون ته زمين جي طبعي خصوصيتن، پاڪستان جي جاگرافيائي بيهڪ، تيزيءَ سان وڌندڙ آباديءَ جي مسئلن، شهريت، وسيلن جي انتظام ڪاري ۽ موسمياتي دائرن بابت چڱو چوکو مواد فراهم ڪن ٿا. انهن مضمونن ۾ ڏکڻ ايشيا ۽ ان جي زمين، پاڻي، خشڪ سالي، غربت، معاشيات، واپار ۽ خطي ۾ پاڪستان جي مستقبل بابت پڻ ڳالهه ٻولهه ٿيل آهي. پنجاب ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي پنجين درجي جي سبق "حفاظت" (ص 53) ۾ هڪ دفعو ٻيهر جنگ ۽ ٻاهرين حملن جي نقطئه نظر کان شهري دفاع ۽ عوامي سهڪار جي ڳالهه ٿيل آهي. سنڌ جي درسي ڪتابن، جهڙوڪ: پنجين درجي جي سبقن "عوامي خدمت جا ادارا" (ص 109)، ۽ سماجي اڀياس ۾ "سرڪاري خدمتون" (ص 109)، "سماجي اڀياس" (ص 86) ۽ "معاشرتي علوم" (ص 101) ۾ سماجي خدمتن جي مڙني ڪاتن بابت کولي سمجهايو ويو آهي پر انهن ۾ آفتن جي خطرن کان بچاءَ لاءِ انتظام ڪاري واري اداري جو ڪو به ذڪر ڪونهي، جيڪو موجوده صورتحال ۾ انتهائي اهم آهي. اهو بيحد ضروري آهي ته ضلعي، صوبائي توڙي قومي سطح تي موجود آفتن کان بچاءَ وارن ادارن، صوبائي امدادي خدمتن ۽ سماجي خدمتن جي ادارن بابت هڪ الڳ سبق ترتيب ڏنو وڃي.

باقاعدگيءَ سان رونما ٿيندڙ آفتن جي ٻڌري مختلف سطح تي مختلف آهي پر حيرت جي ڳالهه اها آهي ته سڀني صوبن ۾ گهٽ وڌ سڀني درجن ۾ مجموعي طور تي موضوع ۽ مقصد ساڳيا پئي رهيا آهن. رونما ٿيندڙ موسمياتي تبديلين جي اثرن ۽ قدرتي آفتن جي وڌندڙ انگ جي پيش نظر، ان ڳالهه جي شديد ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي ته انهن مسئلن بابت هڪ نئون موضوع يا سبق ترتيب ڏنو وڃي. ظاهر آهي ته اهڙو سبق پاڪستان جي رياست ۽ سماج جي ضرورتن کي ڌيان ۾ رکي جوڙيو ويندو. اهو سبق ٻارن جي ان مسئلي بابت پيڙهه کي پختو ڪندو. ڪجهه شهرن، جهڙوڪ: ٺٽو (سنڌ) ۽ ليه (پنجاب) جي تاريخ ۽ جاگرافي اڳ ۾ ئي مقامي نصاب جو حصو پئي رهيا آهن. سنڌن (ليه ۽ مظفر ڳڙهه) جي ٻوڏن ۽ واچوڙن ڏانهن باقاعدگيءَ واري يا حادثاتي حساسيت يا ٺٽي جي معاملي ۾ سامونڊي چاڙهه وارن مسئلن جي سمجهاڻي، ان شهر جي بيان ڪيل خاڪن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿي. آءٌ ڪو نه ٿو سمجهان ته ڪنهن به شهر جو خاڪو تيار ڪرڻ وقت، ان شهر کي درپيش قدرتي خطرن کي نظرانداز ڪري سگهجي ٿو.

8.3_ مرڪزي قابليت وارو طريقيڪار

جيڪڏهن ڪا به سرڪاري اختياري، مسئلي بابت سمجهه وڌائڻ ۽ خطرن کي گهٽائڻ لاءِ تعليم کي هڪ هٿيار طور استعمال ڪري ته ان کي مرڪزي قابليت وارو طريقيڪار ڪوٺبو.

اڪثر اهو طريقيڪار مٿين تعليمي سطح تي اپنايو ويندو آهي. عام طور تي ان طريقيڪار ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ سان لاڳاپيل سوچن ۽ نظرين توڙي مهارتن ۽ لياقتن جي نشاندهي ٿيندي آهي ۽ مختلف واسطيدار ماڻهن سان گڏجي، نصاب ۾ بهترين يا تبديليون آڻڻ لاءِ اها اختياري ڪم ڪندي آهي ۽ پوءِ ماڊيولن جي تياري، آئيندي بابت چونڊ مضمونن، استادن جي تربيت، درجن ۽ مقصدن بابت ان ڏس ۾ ڪم ڪيو ويندو آهي. بعد ۾ چنڊڇاڻ ۽ تجربن جي روشنيءَ ۾، وسيلن جي ورڇ ۽ واڌاري ۽ مهارتن تي ڪم ٿيندو آهي. تعليم ۽ تربيت جي ڏس ۾، سرڪار جو ان قسم جو قدم يا سهڪار، ان سموري ڪم کي نسبتن ڪامياب بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي ۽ اهو گهربل سطح تي تيزيءَ سان عمل ۾ اچي ويندو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اهڙو تڪڙو حل، ڪڏهن ڪڏهن تڪڙيون ڪاميابيون به ڏيندو آهي ۽ جيڪڏهن سرڪار، يا مرڪزي ادارو يا امدادي ادارو ان ڪم ۾ پنهنجي دلچسپي ڪنهن به سبب ڪري وڃائي ويهي ته پوءِ سمورو ڪم متاثر ٿئي ٿو. (يونيسڪو ۽ يونيسيف 2012)

جيئن ته اڳ ۾ به بيان ڪيو ويو آهي ته اسان پنهنجي سموري چنڊڇاڻ پرائمري ۽ سيڪنڊري سطح جي ڪتابن ۽ اسڪولن تائين محدود رکنداسين. منهنجي خيال ۾ ان ڳالهه تي اسين ڪافي ڳالهائي چڪا آهيون ۽ ان تي وڌيڪ بحث اجايو آهي. ملڪ ۾ منعقد ٿيل علائقائي

ڪانفرنسون ۽ منصوبا پڻ ان قسم جي ڳالهين تي ڪافي ڳالهائي چڪا آهن ۽ ان ڏس ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ تعليمي ۽ تربيتي ڪوششون پڻ ورتيون ويون آهن.

8.4_ وقف ڪيل مضمون وارو طريقيڪار

*”ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسڪولن ۾ موسمياتي تبديلين ۽ آفتن جي خطرن جي بهتر انتظام ڪاريءَ بابت الڳ مضمون پڙهايو وڃي پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اهو مضمون پڙهائيندو ڪير تمام ٿورا استاد آهن جيڪي سيئي مضمون بهتر نموني پڙهائي سگهن ٿا.“*

*(ننڌي شير خان ۽ جعفر خاصخيلي (بدين) جا گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جا ماستر)*

نصاب ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي شامل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻيو طريقيڪار اهو به آهي ته هڪ الڳ مضمون ان لاءِ وقف ڪيو وڃي. ان طريقي تحت هڪ اهڙو بنهه نئون مضمون جوڙيو ويندو، جيڪو آفتن ۽ ان کان بچاءَ، ان جي خطرن ۾ گهٽتائي، موسمياتي تبديلين جي مڙني سماجي، ٽيڪنيڪي، معاشي ۽ سائنسي پهلوئن لاءِ وقف ٿيل هوندو. مثال طور، جارجيا ۾ انکي ”ڪلاسي ڪلاڪ جو مغز“ طور اپنايو ويو. ساڳي ريت، روس ان کي پرائمري ۽ سيڪنڊري سطح تي ”زندگيءَ جا بنياد“ نالي متعارف ڪرايو.

اهو طريقو هڪ نئين ۽ الڳ سر مضمون جي وڪالت ڪري ٿو، جيڪو ڪنهن خاص ملڪ يا خطي ۾ آفتن جي قسمن، تيزين ۽ خطرن بابت سمجهاڻيءَ لاءِ نصاب ۾ چڱي چوکي جاءِ والارڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. مخصوص نظريا، مهارتون ۽ تجربا ان مضمون جو ڳر هوندا. هن نقطئه نظر کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سياسي ڌرين کي پابند بنائڻ، نصابي ماهرن ۽ اختيارين سان لهه وچڙ ۾ اچڻ ۽ گهربل وسيلا هٿ ڪرڻ جهڙا ڏکيا مرحلا سامهون آهن. هن نقطئه نظر جي هڪڙي ڪوٽ اها ٿي سگهي ٿي ته آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي ٻين مضمونن يا سموري نصاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ جوڙيل منصوبن ۽ ورتل ڪوششن کي وڏو ڌڪ رسندو. ڪنهن وقت ته اها ڳالهه خود هڪ وڏو بهانو بڻجي پوندو ته جڏهن ان موضوع تي هڪ الڳ مضمون موجود آهي ته ان کي ٻين مضمونن ۾ ګڏڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي!

فيلڊ ورڪ دوران ڪيترن ئي استادن، ماهرن ۽ ڪجهه شاگردن پڻ ان موضوع کي الڳ مضمون جي طور متعارف ڪرائڻ جي حمايت ڪئي. موجوده صورتحال جي مدِنظر، اهو ڪم ويجهڙ ۾ ٿيندي ڏاڍو ڏکيو نظر اچي ٿو ۽ ان کان به ڏکي ڳالهه اها آهي ته پرائمري يا سيڪنڊري سطح تي ان قسم جو ڪو ڌار مضمون ويجهڙ ۾ شايد ئي متعارف ڪرايو وڃي. باوجود ان جي، جاگرافي ۽ قدرتي سائنس جي مضمونن ۾ قدرتي آفتن جي قدرتي، ٽيڪنيڪي، سماجي ۽ معاشي پهلوئن بابت هڪ يا ٻه سبق شامل ضرور ڪري سگهجن ٿا.

پرائي اصلوڪي ۽ نئين اسريل نقطئه نظرن کي ګڏي، ”آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي“ ۽ ”اسڪول جي حفاظت“ جهڙا مقصد حاصل ڪري سگهجن ٿا.

مقامي سطح تي موجود اصلوڪي ڄاڻ کي به ان سڀي ڪم جو حصو بنائڻ گهرجي. مثال طور بقول ٺٽي جي هڪڙي سماجي ڪارڪن سليم ٺٺئي جي، ”پکين، نانگن ۽ جانورن جي مختلف حرڪتن مان ٿرپارڪر جا ماڻهو خشڪ ساليءَ جي اڳڪٿي ڪن ٿا.“ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، ماڙي والا يوسي بخارا شريف، چام پور جي ماستر عبدالحميد چيو ته ”اسين سهي ڪريو وڃون ته ڪوه سليمان کان به مٿان کان وڄ جيان گجگوڙ ڪري ڪرندڙ نئي، اسان جي ڳوٺ ۾ ڪيتري دير ۾ پهچندي ۽ ان جي ڪري ڪهڙا خطرا ٿي سگهن ٿا. اها اڳڪٿي اسان جو نئون نسل نٿو ڪري سگهي.“ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، روجهاڻ (يوسي بنگله هدايت) جي ماستر عبدالشڪور چيو ته؛ ”اسين نئي سان ګڏ ڄاوا ۽ نپنا آهيون. اسين سندن نالن، گهٽ گهيڙن ۽ روين کان چڱيءَ پر واقف آهيون. بي قاعدي مينهن، اسان کي نئي کان وڌيڪ هاڃو رسائين ٿا، ڄاڪاڻ جو نئي بابت ته اسان کي خبر آهي ته سندن وهڪرو ڪهڙو هوندو.“ ليه ۽ مظفر ڳڙهه جي درياهه وارن علائقن جي ڳوٺن ۾ تقريبن هر سال ٻوڏ اچي ٿي ۽ اهي ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ جي تحت پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي اسڪولن کي بچائين ٿا. اها ڄاڻ ۽ سمجهه انهن سمجهو ماڻهن کان پرائي، ان کي وڌيڪ بهتر بڻائي، شاگردن تائين باقاعدي ڪلاس اندر پڙهائي سگهجي ٿي.

گهٽ ۾ گهٽ پنجاب جي اڌ ۽ سنڌ جي هڪ پاڱي ٿي استادن قدرتي سائنس يا جاگرافيءَ ۾ قدرتي آفتن جي مواد کي شامل ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي. بقول انهن استادن جي انهن مضمونن جي ان موضوع سان قدرتي رغبت جڙي ٿي. پنجاب جي نئين نصاب (2013_2012) مطابق جاگرافيءَ جو مضمون ڇهين، ستين، نائين ۽ ڏهين جماعت ۾ ۽ سنڌ ۾ اهو مضمون نائين ۽ ڏهين درجن ۾ پڙهايو وڃي ٿو. زميني بناوت، پهاڙن جو نهڻ، برندڙ جبلن جي جوڙجڪ ۽ حرڪت بابت مواد اڳ ۾ ئي شامل آهي. آبادي، ماحوليات، درياهن ۽ قدرتي ماحول تي انساني اثر پڻ ان مضمون جو حصو آهن. ان ۾ پاڪستان جي طبعي بناوٽ، زميني بناوٽ، جبلن، ميدانن، لاهين چاڙهين ۽ ملڪ جي حد ۾ آيل بحري حصي بابت پڻ ڳالهه ٻولهه ٿيل آهي. اها ئي صحيح جاءِ آهي جتي انهن اندروني عنصرن ۽ سائنسي سببن جي ڳالهه ٻولهه ڪري سگهجي، جنهن ڪري قدرتي آفتون رونما ٿين ٿيون. اتي ئي ڪنهن مخصوص حصي ۾ رونما ٿيندڙ ڪن خاص آفتن جي خدشن ۽ هڪجهڙائين تي مواد شامل ڪري سگهجي ٿو ۽ ظاهر آهي ته گڏوگڏ ان جي گهرجن ۽ احتياطي تدبيرن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي.

سنڌ توڙي پنجاب ۾ ٽئين، پنجين، ڇهين ۽ ستين جماعتن جي نصابي ڪتابن ۾ انسان ۽ فطرت جي وچ ۾ ڳانڍاپو، کاڌ خوراڪ، زندگي ۽ زندگيءَ جي بقا، هوا، پاڻي ۽ پاڻيءَ جي گدلاڻ، مٽي، توانائي، زمين جو مٿاڇرو ۽ زميني حرڪت، بدلجندڙ زميني بناوٽ، ماحوليات ۽ ماحولياتي گدلاڻ جهڙا موضوع اڳواٽ ئي شامل آهن. مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن هڪڙو بيو موضوع قدرتي آفتن ۽ ان بابت پاڪستان توڙي دنيا جي خدشن کي ذهن ۾ رکي شامل ڪيو وڃي ته اهو ٻارڙن کي ان سموري لقاءَ کي بهتر نموني سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. مٿين ڪلاسن ۾ جيڪڏهن هو ان مضمون ۾ مهارت حاصل ڪري خاص ڊگري وٺڻ چاهين ٿا ته هو "وقف ڪيل مضمون" جي چونڊ ذريعي ڪري سگهن ٿا. اهڙي ريت اڳتي هلي آهستي آهستي ملڪ ۾ ان قسم جا ادارا ۽ ماهرن جي چڱي چوکي تعداد جڙي پوندي.

ليه جي آفتن جي خطرن جي انتظام ڪاري واري اداري جي ڪوآرڊينيٽر سعيد چشتي پنهنجي هڪ سهڻي صلاح ڏيندي چيو ته، "مون کي ياد آهي ته جڏهن اسين شاگرد هوندا هئاسين ته اسين پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪنهن به "اضافي" مضمون جي چونڊ ڪندا هئاسين. ان مضمون کي اسين بوجهه سمجهي نه پر ذاتي دلچسپيءَ سان پڙهندا هئاسين ڇو جو ان مضمون جو ڪو به امتحان يا پرچو ڪو نه ٿيندو هو. "آفتن جي خطرن کان بچاءَ ۽ انتظام ڪاري" وارو مضمون جيڪڏهن "اضافي" مضمون طور متعارف ڪرايو وڃي ته شاگرد ان کي بنان ڪنهن دٻاءَ جي، وڏي شوق سان پڙهندا." ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڏانهن، اي ڊي او تعليم جي فقط هڪڙي سرڪيولر موڪلڻ سان، اسين ان ڏس ۾ پنهنجو سهڪار بلڪل ڪري سگهون ٿا، استادن کي تربيت ڏئي سگهون ٿا، خصوصن جسماني تربيت جا ماسٽر تيار ڪري سگهون ٿا، جيڪي سموري تربيت ۽ چاڻ کي اڳيان وڌائي سگهن ٿا. هر ڪم جو هڪڙو لائه عمل ۽ طريقيڪار هوندو آهي." ساڳئي ريت، "آفتن جي انتظام ڪاري صوبائي خودمختيار اداري ۽ پنجاب ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي وچ ۾ مؤثر رابطه ڪاريءَ جي وڏي کوٽ آهي.

8.5_ نصابي ۽ غير نصابي ڳانڍاپي وارو نقطئه نظر

دنيا جي ڪيترن ئي کوجنائي اڀياسن ۾ غير نصابي توڙي نصاب سان ڳنڍيل سرگرمين ۾ آفتن واري عنصر کي شامل ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو ويو آهي. صبح جو اسڪول اسيمبليون، شاگردن جا ڪلب، اسڪول ڪانپوءِ يا موڪلن جون سرگرميون، اسڪول طرفان ننڍا ننڍا سير سفر جا پروگرام، جسماني مشقون، نمائشون، خصوصي ڏهاڙا، مقابلا، گڏجاڻيون ۽ اهڙن بين وندر ذريعي شاگردن کي قدرتي آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ جا پيغام ڏئي سگهجن ٿا. جڏهن ته ان شيءَ کي وڌي ڌيان سان ڪرڻ جي ضرورت آهي ته ان سموري عمل لاءِ کهڙن نصابي عنصرن کي شامل ڪجي ۽ ڪهڙيون شيون ٻاهران ڪڍجن. ان نقطئه نظر جا ڪجهه فائدا به آهن پر جيئن ته ماحولياتي تعليم واري زمري ۾ ڏنو ويو آهي ته اهو نقطئه نظر پاليسيءَ تي ڪم ڪندڙن کي نصاب ۾ گهربل بهتريون آڻڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه دوران ٿيڙيو ڇڏي. حساسيت کي اپاريندڙ سماجي، سياسي ۽ معاشي پهلو، ان ۾ دڀجيو وڃن. آفتن بابت سلسليوار مساوات مٿان

$$\text{آفتي خطرو} = \text{قدرتي جوکم} \times \text{حساسيت} \div \text{سماجي نظام جي قابليت،}$$

کي بهتر نموني پيش نه ٿو ڪري سگهجي.

آفتن جي خطرن کي گھٽائڻ واريون مهارتون، مشقون ۽ لاڙا آرام آرام سان هڪٻئي پٺيان پيش ٿيندا، جيڪي اڳيان هلي وڌندا ويجهندا. استادن ۾ جسماني تربيت جي ماسترن (پي ٽي ٽيچر) کي پڻ گھربل تربيت ڏيڻ جي ضرورت آهي ته جيئن اهي پنهنجي اڳواڻ جوڙيل مشقن ۾ ان کي شامل ڪري سگهن. مٿي ڄاڻايل نقطئه نظر تحت، ملٽي ميڊيا جو استعمال، نوان تربيتي ڪتابچه، گھربل مواد، غير نصابي ۽ نصاب سان لاڳاپيل سرگرمين کي بهتر نموني سرانجام ڏيڻ لاءِ نوان سيکارڻ جا طريقا جوڙڻ ۽ رائج ڪرڻ جي ضرورت آهي. ملڪي ۽ بين الاقوامي غير سرڪاري ادارا ۽ مخصوص پراجيڪٽ يا قدم ان روايت کي مضبوط بنائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا (ساڳيو). هڪ دفعو ٻيهر، اهو سڀ ڪجهه، تعليمي کاتي ۽ صوبائي حڪومتن جي سهڪار کانسواءِ ناممڪن آهي. اهو آفتن جي خطرن ۾ گھٽتائيءَ جي ڄاڻ پيدا ڪرڻ لاءِ گھربل لياقتن، روين ۽ عملن کي بهتر بنائڻ لاءِ هڪ ذرخيز ميدان آهي. ان نقطئه نظر تحت، مسئلي جي عملي پهلوءَ تي به هڪ حد تائين ڪم ڪري سگهجي ٿو. مثال طور، ”نه ڳالهايو، نه ڊوڙو، نه ڌڪو ڏيو، نه واپس موٽو، ترڻ ۽ جاءِ خالي ڪرڻ جون مهارتون.“ (xvii) ۽ اوچتو ايندڙ آفتن کي منهن ڏيڻ جا رهنما اصول، نوجوان شاگردن کي عملي مشقن ذريعي سيکاري سگهجن ٿا.

اسڪولن اندر اها روايت مضبوط ڪرڻ لاءِ پابند اڳواٽي، گھربل مواد ۽ اوزارن سان گڏوگڏ آزماشي يا تجرباتي طور ڪم ڪرڻ جي ضرورت پوندي. ان قسم جي تجربي کي ڪامياب بنائڻ لاءِ وڌن غير سرڪاري ادارن جو سهڪار حاصل ڪري سگهجي ٿو، گهٽ ۾ گهٽ انهن علائقن لاءِ جيڪي حساس ترين قرار ڏنل آهن. هر ماڻهو کي ان لقاءَ بابت خبردار رهڻ گهرجي ۽ ان کي مڙئي مٿاڇرو ڪري نه وٺجي ۽ نصابي ڪتابن ۾ موجود ان قسم جي پيغامن کي نظرانداز نه ڪجي. ان قسم جون شيون ته بلڪه نصاب کي بهتر ۽ سگهارو بڻائين ٿيون. جيستائين سنڌ ۽ پنجاب جون لاڳاپيل تعليم جون صوبائي وزارتون ۽ ضلعي تعليم کاتا ان تي ڪم نه ٿا ڪن ۽ ان کي اسڪولن اندر رائج نه ٿا ڪرائين، تيستائين اها شئي چند روايتي سرگرمين کان مٿي چڙهي ڪا نه سگهندي. غير سرڪاري ۽ سهڪاري ادارن پاران ان ڪم جو تجرباتي بنيادن تي ٿيڻ به چڱي ڳالهه آهي پر جيڪڏهن هڪ دفعو به پئسا ملڻ بند ٿي ويا ته سڄو ڪم متاثر ٿيندو. انهيءَ ڪري حڪومت، رياست جو ان ڪم کي اپنائڻ لازمي آهي. اهو ڪم شروع شروع ۾ ته ڏاڍو مزيدار ۽ دلچسپ لڳندو پر سرڪاري سهڪار کانسواءِ ان کي توڙ تائين پهچائڻ بنهه ناممڪن آهي.

گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، چام پور جي هڪ استاد مطابق، ”نصاب ۾ آفتن جي خطرن ۾ گھٽتائيءَ بابت ڪجهه خاص مواد وجهڻ کانسواءِ، جيڪڏهن استاد هفتي ۾ فقط 10 منٽ، غير رسمي طور ان موضوع تي شاگردن سان ڳالهه ٻولهه ڪري ته به ٻارڙا ذهني طور ان لقاءَ لاءِ تيار ٿي سگهن ٿا. ان موضوع تي شاگردن ۾ چٽاپيٽي ۽ تقريري مقابلا به ڪرائي سگهجن ٿا. پر سڀ کان اول خود استادڪي ان موضوع تي تربيت جي ضرورت آهي.“

ساڳئي اسڪول جي ماستر عنايت علي موجب، ”نئين ۽ مختلف علائقن، ديهن ۽ ايراضين جي نالن جي فهرست موجود آهي، جنهن کي ٻار غير رسمي طور بيان ڪري سگهن ٿا.“ گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول، چام پور جي ماسترياڻي شائسته بخاري چواڻي، ”غير نصابي سرگرميون خود نصابي ڪتابن جي فهرست جي اردگرد گھمن ٿيون.“

**آفتن جي خطرن ۾ گھٽتائيءَ واري راند ”آفتن جو ڪاريگر“** (يونيسڪو طرفان متعارف ڪرايل): هيءَ هڪ اهڙي تعليمي راند آهي جيڪا قدرتي آفتن کي سمجهڻ ۽ انهن کي روڪڻ بابت آهي. اها راند جوابي ڪاربن تي لکيل اهڙا پيغام رسائي ٿي، جيڪي اهو سمجهڻ ۾ مدد ڏين ٿا ته قدرتي آفتون ڇا آهن ۽ ڪيئن صحيح عمل ان آفت جي اثر کي گھٽائي ٿو. اها راند ٻارن کي پاڪستان ۾ واقع ٿيندڙ ڇهن اهم آفتن بابت سيکاري ٿي ته: اها ڇا آهي؟ ان جو سبب ڇا آهي؟ ان کي ڪيئن سڃاڻجي؟ ان جي واقع ٿيڻ کان اڳ ۾ ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ اها اگر پيش اچي ته ڇا ڪجي؟ ۽ ان جي گذري وڃڻ کانپوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

راند جا اصول: رانديگرن جو تعداد: ٻه يا وڌيڪ. ڪلاس جي ڪمري اندر اها راند مختلف جٿن يا ٽيمن جي شڪل ۾ کيڏي سگهجي ٿي ته جيئن سموري جماعت ان ۾ حصو وٺي سگهي. گھربل شيون: (i) راند جو بورڊ (ii) تصويري ڪعب (iii) سوالي ڪعب (iv) 36 جوابي ڪارڊ (v) ليکي رکڻ.

راند ڪيئن کيڏجي:

رانديگرن جي ترتيب ڏجي. پهريون رانديگر آفت جي ڪا به تصوير هوا ۾ اڇلائيندو ۽ ڏسندو ته هن وٽ ڪهڙي قسم جي آفت جي تصوير آئي آهي. ٻي دفعي ۾ سوالي ڪعب کي هوا ۾ اڇليو ويندو ۽ اندرين دٻي تي لکيل جواب جو سوال جانچيو ويندو. سوال جانچڻ کانپوءِ، اندرين دٻيءَ کي اٿلائي ان تي موجود قدرتي آفت جي تصوير کي سوال سان ڀيٽيو ويندو. استاد يا راند جو سهلڪار سوال سان ٺهڪندڙ ڪارڊ ڳوليندو. اهو ئي ان ڳالهه جو فيصلو ڪندو ته رانديگر جو جواب درست آهي يا نه. جواب صحيح هئڻ جي صورت ۾،

رانديگر اهو ڪارڊ پاڻ وٽ رکندو ۽ هڪڙي مارڪ حاصل ڪندو. اهڙيءَ طرح ہي رانديگر جو وارو ايندو جيڪو په ڊارا وجهندو ۽ ڏسندو ته ڪهڙي سوال جو جواب ڏيڻو آهي. جيڪڏهن پهرئين رانديگر جو جواب غلط هوندو ته ساڳيو سوال ہي رانديگر ڏانهن هليو ويندو. ايستائين اهو سوال ڦرندو رهندو جيستائين ان جو صحيح جواب نٿو اچي. جيڪڏهن ڪو به رانديگر ان جو صحيح جواب نٿو ڏئي سگهي ته استاد يا سهلڪار، ڪارڊ تان ان جو صحيح جواب پڙهي ٻڌائيندو ۽ اهو ڪارڊ وري واپس راند ۾ شامل ڪيو ويندو. جڏهن رانديگرن پاران سوال جو صحيح جواب اچي ويندو ته پوءِ راند جي اصلوڪي ترتيب تحت ہي رانديگر پاران ڊارو وڌو ويندو. جڏهن مڙئي ڪارڊ کپي ويندا ته سمورا رانديگر پنهنجا پنهنجا ڪارڊ ڳڻيندا ۽ ليکي رکڻي يا ٺيلي شيٽ تي درج ڪندا. ان کانپوءِ رانديگر سوال جو بونس رائونڊ کيڏندا.

بونس سوال: راند جي آخر ۾، رانديگرن کي اهو موقعو ڏنو ويندو ته اهي بونس سوالن جا جواب ڏئي، بونس مارڪون کڻن. هر رانديگر سندس ہن ڪارڊن مان چونڊ بونس سوال سيني آڏو وڏي آواز سان پڙهي ٻڌائيندو. هڪ وقت ۾ هڪ سوال پڙهيو ويندو. جيڪو سوال جو صحيح جواب ڏيندو، ان کي اضافي ٻه مارڪون ملنديون. آخر ۾ هر رانديگر جون ڪل مارڪون ڳڻيون وينديون ۽ جنهن جون مارڪون سڀ کان وڌيڪ هونديون اهو کٽندڙ هوندو ۽ ان کي"آفتن جو ڪاريگر" جو لقب ملندو.

ضلعي راجن پور جي روجھاڻ ۽ ڄام پور جي اسڪولن ۾ يا ته اڃا تائين پاڻيءَ جا دٻا بيٺا هئا يا اهي تازو صاف ڪيا ويا هئا. استادن ۽ ٻارن کي آفتن جي خطرن جي انتظام ڪاريءَ بابت بس اوترو ئي ڄاڻ هئي جيڪا هنن يا ته پنهنجي تجربي مان سکي هئي يا ته ٻڌل ٻڌايل هئي يا وري ڪنهن غير سرڪاري تنظيم جي تربيت مان حاصل ڪيل هئي. اڪثر استادن ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو ته بدقسمتيءَ سان اڪثر ڄاڻ شاگردن تائين منتقل نٿي ٿئي. پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن ۾، جسماني مشق ۽ صبح واري اسيمبلي تقريبن روزمره جي ڪمن ۾ شامل آهن. اها ئي بهترين جاءِ آهي، جتي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جا پيغام وقت بوقت پهچائي سگهجن ٿا.

تقريبن سڀني اِي ـڊي ـاوز، ڊي ـاِي ـاوز ۽ استادن اها ڳالهه قبول ڪئي ته "آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ بابت تربيت ڪڏهن به ڪنهن اداري طرفان رسمي توڙي غير رسمي طور نه ڏني وئي آهي." اڄ ڏينهن تائين ان حوالي سان، تعليم کاتي طرفان ڪين فقط سرڪيولر ملندو آهي، جنهن ۾ يا ته اسڪول اندر بيٺل پاڻيءَ کي نيڪال ڪرڻ لاءِ چيو ويندو آهي يا اسڪول ۾ ويٺل متاثرين کي، آفت دور ٿيڻ کان پوءِ اٿارڻ جي هدايت ڏني ويندي آهي. بقول انهن جي، "جيڪڏهن استادن کي تربيت ڏني وڃي ته اسين ان کي غير نصابي سرگرمين ۾ پنهنجو پاڻ شامل ڪري سگهون ٿا، جيڪا ان ڏس ۾ ڪجهه مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي." بقول ڪجهه استادن جي، ڪجهه اسڪولن ۾ يا ته شاگرد تمام غريب آهن، يا ته جاءِ سوڙهي آهي ۽ اسڪول جو ماحول ڪو خاص وڻندڙ ناهي، جنهن ڪري اتي غيرنصابي سرگرميون مشڪل سان ٿين ٿيون. اڪثر شاگرد ٻاهر فرش تي ويهن ٿا ته جيئن سياري ۾ يا ته اُس جهڻجي يا گرمين ۾ تازي هوا کائجي. هڪڙي هيڊ ماسترياڻي (ان جو ۽ اسڪول جا نالا ڳجهه ۾ رکيا ويا آهن) پنهنجي شاگردن کي تنبيهه ڪئي ته جيڪڏهن اهي پينگهن تي لڏيا ۽ گسڪڻين تي گسڪيا ته اها سندن ٽنگون پڃندي. اهڙي تنبيهه تي ڪانئس مٿان کان رپورٽ پڻ طلب ڪئي وئي.

(راند جو سامان ان اسڪول ۾ "سيو دي چلڊرن" وارن جو ڏنل هو). مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته دراصل مائي سمورو سامان، پراجيڪٽ ختم ٿيڻ کان پوءِ، پنهنجي گهر کڻائي وڃڻ جو رٿيو ويٺي هئي.

آفتن کانپوءِ اڪثر ڪلاس جا ڪمرا صحيح طرح استعمال ڪرڻ جي لائق ناهن هوندا، سامان سڄو پڳو ٽٽو پيو هوندو آهي،سم يا گند ڪچرو ڪمرن کي ان قابل نه ڇڏيندو آهي جو اهي ڪتب آڻي سگهجن. اسڪولن جي وڏي انگ وٽ، خصوصن سنڌ جي ٻهراڙين ۾ فقط هڪڙو ڪمرو هوندو آهي ۽ اهو به جري حالت ۾! ڪيترائي اسڪول علائقي جي وڏيرن جون اوطاقون بڻيل آهن. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول جيوندي والا، ڪوٽ ادو، پنجاب جي ماسترياڻي شمشاد ۽ ماسترياڻي ممتاز ٻڌايو ته، "ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته شاگرد غير نصابي سرگرمين ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺن ٿا پر اهي سرگرميون تڏهن ئي بهتر طريقي سان ڪري سگهجن ٿيون، جڏهن هڪڙي استاد وٽ شاگردن جو تعداد سنيالڻ جوڳو هجي. جيڪڏهن هڪڙي استاد وٽ 80 ٻار هوندا ته اهو نصاب کي ئي مشڪل سان پورو ڪرائي سگهندو. اهڙي صورتحال ۾ ڪيس غير نصابي سرگرميون بار لڳنديون." بقول گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، رقبه نبي شاهه، راجن پور جي استادن ماستر حق نواز ۽ ماستر غفور احمد جي، "غير نصابي سرگرمين لاءِ به استادن جي تربيت ڪرڻ لازمي آهي."


GGPS, Rangpur, MGarh, What of other facilites, most children sit on earth


What of other facilites, most children sit on earth, Mgrh


Furniture & school record piled behind the classroom, Mgarh

جيڪڏهن ڏيان سان چونڊ ڪري، سهڻن اکرن ۾ اسڪول جي اندر توڙي ٻاهر ڀتين تي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ متعلق مختلف پيغام لکيا وڃن ته اهي پڻ چڱو اثر ڇڏيندا. اسڪول انتظاميه ۽ مقامي تعليم کاتي سان لهه وچڙ ۾ اچي ان قسم جي ڪوشش وٺي سگهجي ٿي. مزي جي ڳالهه اها آهي ته چند اسڪولن جي استادن (استادن ۽ اسڪولن جا نالا ڳجهه ۾ رکيا ويا آهن) مون کي ٻڌايو ته "اسڪول جي ڀتين تي جيڪي ڪجهه لکيو پيو آهي سو رنگ ڪرڻ وارو ڪاريگر پاڻ لکي ويو آهي!" مون کانئن پڇيو ته "اهو سڀ ڪجهه ڪيس ڪنهن ٻڌايو،" ته چيائون، "وٽس هڪڙي ڪاغذ تي اهو سڀ ڪجهه لکيو پيو هو ۽ کيس اهو چيل هو ته ضلعي جي مڙني اسڪولن ۾ اهي ساڳيا پيغام اڪرڻا آهن، سو هو اڪري ويو. اسان کي فقط کيس پئسا ڏيڻ جو حڪم مليل هو." بهرحال، ڀتين تي چِٽڻ، غير نصابي سرگرمين جي حوالي سان، هڪڙي انتهائي آسانيءَ سان ٿيندڙ سرگرمي آهي.


Local landlord's tubewell stuff lyig in GBPS, M.Garh

8.6_ گاڏڙ نقطئه نظر

هڪ ٻيو نقطئه نظر، جيڪو مٿين نقطئه نظر سان اڌو گابرو نهڪندڙ آهي، ان کي گاڏڙ نقطئه نظر سڏجي ٿو. اهو اڪثر مٿئين درجن لاءِ تجويز ڪيو ويندو آهي پر هتي اسان جي ڪيس ۾ اهو اڌوگابرو لاڳاپيل آهي. اهو نقطئه نظر آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ ۽ ٻين نصابي سرگرمين، جهڙوڪ: سماجي شعور بيدار ڪرڻ ۽ شاگردن کي ملڪ جو هڪ بهتر شهري ٿيڻ جي ترغيب ۽ تربيت ڏيڻ وغيره، جي وچ ۾ هڪجهڙائيءَ مان اپريو آهي. ان نقطئه نظر تحت سموريون نصابي سرگرميون آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي چاڻ جي پيشِ نظر عمل ۾ اينديون ۽ ساڳئي وقت اهي نصاب کي اثرائتو پڻ بڻائينديون. زندگيءَ جون اهم مهارتون جهڙوڪ: شهريت، ماحولياتي تعليم، شهري پلانيءِ جي سمجهه ۽ پائيدار ترقيءَ جي گهرجن کي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي زرهه پارائڻ ئي ان نقطئه نظر جو مقصد آهي. موسمياتي تبديلي، جيڪا آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جو هڪ اڻٽٽ انگ آهي، سا به هن نقطئه نظر تحت بهتر طريقي سان ضم ٿي سگهي ٿي. آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ موسمياتي تبديلي ۽ اهڙيون ٻيون ڳالهيون نصاب سان لاڳاپيل سرگرمين سان ڳنڍڻ نسبتن سولو آهي. ان ۾ گهرائي پيدا ڪرڻ لاءِ، آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جو مقصد ۽ وسعت اڳتي بيان ڪري سگهجن ٿا. تنهن هوندي به اهو خطرو پنهنجي جاءِ تي موجود رهندو ته جيڪڏهن آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ واري موضوع کي سموري نصاب ۾ وڌو ويو ته اهو پنهنجي اهميت ۽ اصل مقصد وڃائي ويهندو. اهڙيءَ ريت خطري ۽ حفاظت جا مرڪزي نعرا يا خيال، پنهنجي معنيٰ ۽ اهميت وڃائي سگهن ٿا. (يونيسيف ۽ يونيسڪو، 2012)

ڪاتن ۾ سچائيءَ جي کوٽ، ڪمزور اسڪول انتظاميه ۽ طويل بيوروڪريسيءَ وارو طريقيڪار، پاڪستان اندر اهڙن ڪمن کي ڏايو ڏکيو بڻايو ڇڏي. تجرباتي بنيادن تي ڪجهه سبقن جهڙوڪ: "شهري دفاع"، "حفاظت"، "اسڪائوٽنگ"، "رضاڪار" يا "شهرين جا فرض" مان مخصوص پيغام ڪڍي انهن تي نصاب سان لاڳاپيل سرگرميون جهڙوڪ: ڊراما، خاڪا يا مزيدار ڊائيلاگ ترتيب ڏئي سگهجن ٿا. جيڪڏهن تجربو ڪامياب ثئي ٿو ته ان کي ٻين اسڪولن ۽ علائقن تائين به پکيڙي سگهجي ٿو.

مٿي ٻڌايل نقطئه نظرن ڪانسواءِ، نصاب جي ٻيهر ورجاءَ لاءِ ڪيترائي طريقيڪار تجويز ٿيل آهن، جن مان هر هڪ جا پنهنجا فائدا ۽ نقصان آهن. نصابي ڪتاب سان لاڳاپيل نقطئه نظر لاءِ نصابي اختيارين جي شموليت لازم ملزوم آهي. هن ڪم ۾ صوبائي ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، اسڪولن جي ڊائريڪٽوريٽ، نصابي سٽ، نصابي ڪتابن تي نظرثاني ڪندڙ ڪاميٽيون ۽ تعليم جون صوبائي وزارتون (خصوصن 2010 واري صورتحال ۾ ارڙهين ترميم کان پوءِ) شامل آهن. غير سرڪاري ادارن ۽ ماهرن جي پڻ راءِ ورتي وئي آهي. نصابي ڪتابن تي نظرثاني مرڪزي سطح تي ٿيل آهي ۽ جيڪڏهن وزارتون ۽ اختياريون راضي ٿيا ته آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ واري موضوع کي هر هنڌ لاڳو ڪيو ويندو.

گڏيل نقطئه نظر تحت آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جا خصوصي پروگرام منعقد ڪرڻ وارو نقطئه نظر به پيش ڪري سگهجي ٿو. ان نقطئه نظر مطابق نصاب سان لاڳاپيل سرگرمين ۾ ان قسم جا خصوصي پروگرام رٿي سگهجن ٿا. ايئن ڪرڻ سان خود نصاب اندر بهتري آڻڻ لاءِ اختيارين تي دٻاءُ پوندو. اهو نقطئه نظر ان حوالي سان به مددگار ٿي سگهي ٿو، جڏهن استاد اڳ ۾ ئي ڀڳهي نصاب کي مڪمل ڪرائڻ جي فڪر ۾ هوندا آهن ۽ نصاب ۾ ڪنهن به نئين شئي جو اچڻ کين بوجهه لڳندو آهي. اهو نقطئه نظر آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي تعليم کي وڌائڻ ويجهائڻ ۾ استادن اندر غير نصابي سرگرمين جي حوالي سان مهارتن پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. خصوصي پروگرام منعقد ڪرڻ سان اسڪول جي ترقي جي سهڪار ۾ واڌارو اچي ٿو. ٻئي طرف ان جو نقصان اهو آهي ته جيڪڏهن استاد ان قسم جي پروگرام منعقد ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويو ته پوءِ نصابي سرگرمين جي حوالي سان گهربل واڌارو متاثر ٿي سگهي ٿو.

پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ سان سلهاڙيل نصاب، ان قسم جي گڏيل نقطئه نظر تحت وسعت ۽ مضبوطي ماڻي سگهي ٿو. قدرتي آفتن جي حوالي سان مختلف قومي ۽ بين الاقوامي ڏهاڙا ملهائڻ جي تجويز، سمورن چوڪرن توڙي ڇوڪرين جي وزٽ ڪيل اسڪولن جي ماسترن ۽ ماسترياڻين ڏني. اهي ڏهاڙا، هڪ حد تائين، آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ لاءِ گهربل مهارتن حاصل ڪرڻ جي ضرورت کي اڀاريندا. آهستي آهستي، اهڙا ڏهاڙا ملهائڻ ٻين سالانه ڏهاڙن جيان سمورن اسڪولن جي قومي روايت بڻجي پوندا ۽ هر سال پيا ملهائبا. ان حوالي سان، ڪٿي ڪٿي ايماندارانه ردِ عمل پڻ سامهون آيو. ٺٽي جي اِي_ڊِي_او لٽريسي نور بخش خاصخيليءَ چيو، ''استاد اڳ ۾ ئي بوجهه هيٺ دٻيل آهن. ڪائنن تمام گهٽو ڪم ورتو ٿو وڃي. انهن کي هڪڙي اهڙي عملي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، جيڪو هر ڪم بنا معاوضي جي ڪري ٿو. استاد ٽُڪن جون مهمون هلائين ٿا، آدمشماري ڪن ٿا، اليڪشن ۾ پولنگ آفيسرن طور ڪم ڪن ٿا، ٻوڏ ستايلن جي امداد ڪن ٿا، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ سهڪار ڪن ٿا، ماڻهن کي وطن ڪارڊ، شناختي ڪارڊ ۽ راشن ڪارڊن وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪن ٿا، آباديءَ جا سروي، اسڪولن جا سروي ۽ اهڙا سمورا ڪم ڪن ٿا ۽ هاڻي وري اوهان آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي تربيتن ۽ انهن ڪمن بابت پيا ٻڌايو.''

8.7_ پڙهڻ لاءِ مددگار مواد

*''آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي ڪتابن جو حصو بنائڻ سٺي ڳالهه آهي. اهو اسان کي ڊينگي جيوڙي وانگر معلومات فراهم ڪندو. ان بابت نظم، بيان ۽ آڪاٽيون آهن، جيڪي اسين ڏاڍي دلچسپيءَ سان پڙهندا آهيون. انهيءَ مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي آهي ته ڇا سٺو آهي، ڇا خراب آهي ۽ اسين ان جيوڙي تي قابو ڪيئن ٿا حاصل ڪري سگهون. انهيءَ جي ڪري اسان جي اسڪول ۾ صفائي سٿرائي پڻ بهتر ٿي آهي.''*

*(پنجين درجي جو شاگرد، گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، ڪچ بهارالا، ليه)*

نصابي ڪتابن کي تبديل ڪرڻ جي پٺيان ڪهڙا ئي ڪارڻ، مقصد يا نقطئه نظر ڇو نه هجن پر اهو آهي ڏکيو ڪم! پاڪستان جهڙي ملڪ ۾، جتي ملائيت ۽ مذهبي فتويٰ جاري ڪندڙ مافيا انتهائي طاقتور آهي، اتي ننڍڙي کان ننڍڙو بهتريءَ جو عمل ڪرڻ به جڻ ديو مالائي ڪم ٿيو پوي سال 2007-2006 ۾ روشن خيال نصاب متعارف ڪرائڻ جو وڏو چرچو هليو هو پر اهو ڪم اج ڏينهن تائين مڪمل ناهي ٿيو. ان قسم جي صورتحال ۾ اڪثر ماهر ۽ استاد اهو تجويز ڪن ٿا ته مخصوص پيغامن تي ٻڌل هڪڙو مددگار مواد ڇپرائي ڏنو وڃي. ڪتاب جو پٺيون جلد ان قسم جي ڪم لاءِ بهترين هوندو آهي. ان قسم جي تجربن جا مثال موجود آهن.

ڪيترن ئي استادن ۽ نصابي اختيارين اهو قبوليو ته اسڪول ۽ تعليم ڪاتو فقط بروقت امداد ۽ هڪ حد تائين متاثرين جي ٻيهر بحاليءَ تائين محدود آهن. ڪنهن به قسم جي رٿابندي يا پاليسيءَ جي حوالي سان بحث مباحثو، جيڪو تعليم ۾ قدرتي يا موسمياتي تبديلين جي

وٺندڙ اثرن کي زيرِغور آڻي، نظر نه ٿو اچي. ٻاهرين مدد ذريعي يونيسڪو ۽ يونيسيف يا ڪجهه ٻين غير سرڪاري ادارن، جهڙوڪ: سيو دي چلڊرن، جي_ٽي_زيڊ، پلان، آڪسفيم، رائٽ ٽو پلي ۽ ڪجهه مقامي غير سرڪاري ادارن جهڙوڪ: دوآبه، ايل ايچ ڊي پي ۽ هيلپ وغيره ڪجهه تربيتون يا تعليمي ڪم سرانجام ڏنا آهن. جڏهن ٻاهرين امداد بند ٿئي ٿي ته اهو ان قسم جو سهڪار به روڪيو ڇڏين ۽ اهو سڄو عمل اهڙيءَ طرح هڪ حد تي اچي رڪجيو وڃي ۽ گهربل وسعت ۽ مقصد نٿو ماڻي سگهي. 2005 واري زلزلي ڪانپوءِ، هڪ ٻئي پٺيان ڪيترين ئي آفتون اچي چڪيون آهن پر نصاب جو ورجاءُ نه پورو ٿي سگهيو آهي ۽ نه ئي اڌ مڪمل! وچ ۾ ڪي نيون شيون ڳنڍڻ ٽيڪنيڪي طور يا سياسي طور ڏاڍو ڏکيو ٿيو پوي. ان جي برعڪس، هڪڙو آسان طريقو اهو آهي ته ڪجهه ٽڪڙو ۽ مزيدار قسم جو مددگار مواد جوڙي ونجي ۽ ان کي سموري نصاب سان گڏي ڇڏجي.

پنجاب حڪومت اڳواٽ ئي ان قسم جو ڪامياب تجربو "ٻينگي مڇر"، ان جي ڪارڻن ۽ احتياطي تدبيرن جي حوالي سان ڪري چڪي آهي. اڪثر استادن ۽ شاگردن، جن سان آءُ مليس، انهن ان طريقي کي ساراهيو. ٽئين ڪان ڏهين جماعت جي ڪترن ئي نصابي ڪتابن ۾ هڪڙو ڪو اهڙو سبق يا تصويري مواد شامل آهي، جنهن جو جيتوڻيڪ ان مضمون سان ڪو ايڏو واسطو ناهي پر تنهن هوندي به هو ڪنهن اهم مقصد کي پورو ضرور ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ٻارڙن کي ان مسئلي بابت هڪڙي بنيادي ڄاڻ مهيا ٿئي ٿي. ان ڪانسواءِ ڪيترائي شهريت ۽ اخلاقيات تي مبني پيغام ڪتابن، خصوصن نئين نصاب جي ڪتابن جي پٺين پاسي ڇپيا پيا آهن. ان قسم جي پيغامن ۾ ٻارن جو جبري پورهيو، ڪاٺو ورهائي ونڊي ڪائڻ، صفائي، ڪچري جو صحيح نيڪال، تندرستي، ورزش جا فائدا، پنڌ ڪرڻ لاءِ فٽ پيري جو استعمال ۽ ٽريفڪ سگنل جو احترام، راند ڪيڏڻ جا اصول وغيره شامل آهن. ساڳي قسم جا مضمون ۽ خاڪا سمورن نصابي ڪتابن جي پٺين پاسي يا شروع وارن ڪجهه صفحن تي ڇاپي سگهجن ٿا. يونيسڪو، يونيسيف، مقامي غير سرڪاري ادارا، ماهر ۽ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جهڙيون اختياريون ان ڪم کي اڳيان وڌائي سگهن ٿا.

9_ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ استادن جا رايا ۽ قياس آرائيون

*"ڪتابن ۾ آفتن سان لاڳاپيل شين کي وجهڻ سٺي ڳالهه آهي پر ڪتاب استاد ڪان بغير ڪنهن ڪم جو ناهي. انهيءَ ڪري، ان حوالي سان استادن جي تربيت کي لازمي قرار ڏنو وڃي. ان ڏس ۾، شروعات ڪرڻ لاءِ هڪڙي تربيت تجرباتي بنيادن تي ڪرائي، ان جي نتيجن کي پرکي سگهجي ٿو."*

*(جي_ايم_ڪاٺاري، گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جو هيڊماسٽر، ٺٽو، سنڌ)*

نصاب جي ورهاست ۽ ڇنڊڇاڻ دوران اهو ضروري آهي ته استادن جا رايا، قياس آرائيون ۽ تجربا پڻ بيان ڪيا وڃن. مختصر اهو ته تقريبن هر استاد تعليم کاتي جي نااهلي، بدديانتي ۽ ڪن لاٺار واري رويي ۽ اسڪول انتظاميه ۽ ان جي لاچاري (خصوصن ٻوڏن دوران) کان سخت مايوس نظر آيا. اسڪول اها جاءِ آهي جيڪا متاثرين لاءِ پهرئين محفوظ آماجگاهه هجي ٿي. 2009، 2010 ۽ 2011 وارين ٻوڏن دوران، سراسري طور تي هر اسڪول گرميءَ جي ٻن مهينن جي موڪلن کان پوءِ به ڪان ٿي هفتا بند رهيو آهي. ان جا ٻه سبب سامهون آيا آهن. هڪ يا ته اسڪول اندر پاڻي جمع هو يا وري متاثرين اسڪول ۾ ٽڪيا پيا هئا. ان ڏس ۾ استادن کي کاتي طرفان ڪيمپن تي ڊيوٽيءَ جو ته حڪم مليو پر ان لاءِ ڪو به معاوضو نه مليو. ڪجهه اسڪول ته متاثرين جي وڃڻ کان پوءِ اهڙي بري حالت ۾ هئا جو انهن کي هڪدم کولڻ ممڪن ئي ڪو نه هو. ڪيترن ئي اسڪولن جي استادن اها شڪايت ڪئي ته متاثرين اسڪول جي عمارتن، فرشن، سامان ۽ هر شئي کي بيدرديءَ سان استعمال ڪري تباهه ڪري ڇڏيو آهي. ڊيسڪون ۽ ڪرسيون ايتريقدر جو در ۽ دروازا به ٻارڻ طور استعمال ڪيا ويا. ڪاڪوس ته استعمال لائق ئي نه رهيا. پٽين کي ڪرڙي ان جو رنگ لاٿو ويو. اسڪول جو ٻيو سامان جهڙوڪ: ڊسٽر، چاڪ، نلڪا، هينڊ پمپ، موٽر پمپ، پکا، دٻا، شمسي توانائيءَ وارا پينل سڀ چوري ٿي ويا. ڪجهه اسڪولن ۾ ته بجليءَ جون تارون به پٽيون پيون هيون.

راجن پور ۽ مظفر ڳڙهه جي ڪيترن ئي اسڪولن جي استادن چيو ته، "تازين ٻوڏن کان پوءِ، اسان خود شاگردن ۽ ايس ايم سيز جي مدد سان اسڪولن کي صاف ڪري، ٻيهر استعمال جوڳو بڻايوسين. اهو سڀ ڪجهه ايس ايم سين جي فنڊن ۽ غيرسرڪاري ادارن جي سهڪار جي مهربانيءَ سان ممڪن ٿي سگهيو." ڪيترن ئي استادن ان ڳالهه تي بحث ڪيو ته ڪنهن به قسم جي متاثرين يا پناهه گيرن کي اسڪولن ۾ پناهه وٺڻ تي پابندي هئڻ گهرجي. "هڪ دفعو جڏهن اچي اهي اتي ويهن ٿا ته انهن کي اٿارڻ ڏکيو ٿيو پوي." گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، رقبه نبي شاهه، راجن پور جي استاد رياض احمد ٻڌايو ته 2010 وارين ٻوڏن کان پوءِ اسان هڪڙي ڪمري ۾ ٻارن کي



GBPS, BglaHidaya, Rojhan.Puddle of water stands in school

پڙهايو پئي ته ورانديءِ مان عورتن جي ڳالهائڻ ۽ ٻارن جي روئڻ جا آواز پئي آيا. روجهان جي استادن ۽ شاگردن ڪيترائي ڏينهن اسڪول جي اڱڻ مان پنهنجي گهر جي ٽائون سان پاڻي پئي ڪڍيو. تنهن هوندي به پاڻي پڻين پاسي اچا بيٺو هو. خود صوبائي ۽ قومي اسيمبلين جي ميمبرن طرفان اِي_ڊي_اوز ۽ ڊي_اِي_اوز تي تمام گهڻو سياسي دٻاءُ هوندو آهي ته اهي متاثرين کي اسڪول ۾ پناهه ڏين. ان جو مقصد رڳو ڪو متاثرين جي سهائتا ڪرڻ ناهي هوندو پر اها ڳالهه کين اڳتي هلي ووٽن وٺڻ ۾ مددگار ٿيندي آهي.

ڪيترن ئي استادن اهو تجويز ڪيو ته اسڪول متاثرين کي نه ڏنا وڃن. حڪومت کي انهن لاءِ الڳ انتظام ڪرڻ گهرجي. ٻئي پاسي، اها پڻ حقيقت آهي ته اڪثر ٻوڏ متاثر علائقن ۾، اسڪول ئي ويجهي ترين ۽ محفوظ ترين جاءِ هجن ٿا. ڪيترن ئي ضلعي ڪوآرڊينيٽرن جو خيال آهي ته اسڪولن کي هاڻ اهڙيءَ طرح تعمير ڪيو وڃي جو اهي آفتن دوران متاثرين لاءِ محفوظ ترين جايون ثابت ٿي سگهن.

راجن پور جي ضلعي ڪوآرڊينيٽر مشتاق پٽي چيو، ”مثال طور هراند، جيڪو اولهه جو ڏورانهون ترين ڳوٺ آهي، ان ۾ جڏهن ٻوڏ آئي ته متاثرين لاءِ چڪ شهيد، جيڪو ان ڳوٺ کان ويجهو ۽ محفوظ ترين علائقو هو، اوستائين پهچڻ به ناممڪن هو.“ ساڳئي قسم جي ڳالهه ڪندي، روجهاڻ جي استاد عبدالشڪور چيو ته، ”جيڪڏهن مينهن پوي ٿو ته هڪڙو چوڪرو يا چوڪري گپ ۽ ڪيچڙ ۾ عمرڪوٽ کان بنگلي هدايت ڪيئن پهچندا؟“



Damaged, One room GBPS Jaati,
جڏهن آمريڪي واچوڙو يا مٽيءَ جو طوفان، سنڌ

ڳوٺ قيصر خان احمداڻي، بدين جي استاد هارون احمداڻي جي بقول، ”نصابي ڪتابن ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جهڙي ڪا به شئي شامل ڪونهي. خود استاد به ان ڳالهه کان اڻواقف آهي ته ان قسم جي صورتحال ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ٻار کي اها ڄاڻ هئڻ گهرجي ته هو پنهنجي حياتي ڪيئن بچائي ۽ تنهن کان بعد ۾ مجبورن جي مدد ڪيئن ڪري.“ روجهان جي استاد عبدالشڪور موجب، ”آفتن بابت نِلهي پڙهائي ڪرڻ سان ڪو ايڏو فائدو ڪو نه ٿيندو، جي ساحلي پٽيءَ سان ٽڪرايو هو ته اسان کي ڪا به ڄاڻ ڪا نه هئي ته ڇا ڪرڻ گهرجي. نصاب تقريبن هر شيءَ بابت ڄاڻ مهيا ڪري ٿو. جيڪڏهن آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي ڄاڻ ان ۾ وجهڻ ضروري آهي ته اها صحيح طريقي سان هئڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ ان جو ڪو به فائدو ڪو نه ٿيندو.“ پير علي شاهه گرلس اسڪول، بدين جي هيڊ ماسترياڻي آپا قزبانو جي مطابق، ”نصاب ۾ آفتن بابت ڪو خاص سبق شامل ڪونهي. شهري دفاع يا پاڙيسري ملڪن جي حملن جي صورت ۾ پنهنجي حفاظت ڪيئن ڪجي، ان قسم جو پراڻو مواد ئي ٻارن جي ڪچڙن ذهنن ۾ پريو ٿو وڃي.“



Broken pipelines at GGPS at Sinawan, Mgarg



A deserted & dried up handpum in GBPS, Mjzzafargarh

ساڳي ريت، گورنمينٽ گرلس مڊل اسڪول، ايگرو ويل ڪالوني، بدين جي هيڊماسترياڻي آپا حميده خاصخيلي چيو، ”بنگلاديش وانگر ڪلاسن مطابق آفتن جي اثرن ۽ احتياطي تدبيرن کي سادي نموني سائنسي نقطئه نظر کان پيش ڪرڻ گهرجي.“

تعليم کاتو بند پيل اسڪولن کي ٻيهر کولڻ ۽ انهن جي نئين سر بحاليءَ تي خاموش نظر اچي ٿو. لال آئيسان ۽ بکرجا ۾ اسڪول دوآبه فائونڊيشن ۽ فوج جي مانيٽرنگ سيل جي مدد سان ٻيهر بحال ٿيا. جاتي ۽ سجاول ۾ ايل ايچ ڊي پي ڪيترن ئي اسڪولن کي کلڻ ۾ مدد ڪئي. اڪثر استادن، کاتي کي درخواستون به ڪيون آهن ته متاثرين کي واپس گهر موڪلي، اسڪولن کي ٻيهر چالو ڪيو وڃي.

ٺٽي ۽ بدين جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾، مڙني پرائمري اسڪولن ۾ يا ته هڪڙو ڪمرو ۽ چوديواري آهي يا وڌ ۾ وڌ ٻه ڪمرا بنان چوديواريءَ جي.

ڪافي استادن اها پڻ شڪايت ڪئي ته پراڻي نصاب تي نظرثاني يا نئين نصاب جي لاڳو ڪرڻ وقت اسان کان ڪڏهن به ڪا به راءِ نه ورتي ويندي آهي. هنن زور ڏئي اها ڳالهه ڪئي ته ”اسان جا تجربا ان سڄي ڪم ۾ ٿي سگهي ٿو ته ڪا بهتر راءِ ڏئي وجهن ۾ مددگار ثابت ٿين.“ بدين جي هڪڙي استاد چيو ته ”ٻار جو ڌيان ننڍين ننڍين پيشڪشن سان



چڪي سگهجي ٿو. ٺٽي شهر جي هيڊماستر جي ايم ڪاڻاري چيو ته، ”مضمون لکڻ جا مقابلا، ننڍا ننڍا خاڪا، سماعتي ۽ تصويري مواد يا عملي مشقن جا مقابلا، جنهن ۾ ننڍا ننڍا انعام به رکيا وڃن، شاگردن جي بهتر تربيت ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.“ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، ڳوٺ جيئند خان چلگري، بدين جي ماسٽر غلام شبير ۽ ڳوٺ جعفر خاصخيلي، ننڊو شير خان، تعلقه بدين جي ماسٽر الله ڏنو خاصخيليءَ جا به ساڳيا ئي ويچار هئا. انهن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ”آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي پيغام رسائيءَ لاءِ ريڊيو پڻ هڪ مؤثر ذريعو ٿي سگهي ٿو. ان موضوع تي پلان انٽرنيشنل جو پروگرام تمام ڪامياب ويو آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هر اسڪول کي ايمرجنسيءَ واري صورتحال ٻڌائڻ لاءِ هڪڙو ميگافون ڏنو وڃي. نصاب ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ متعلق مواد ڏيڻ ڪانسواءِ، خود استادن جي تربيت وڏي اهميت رکي ٿي. اهي ئي اهي پيغام اڳيان رسائي سگهن ٿا. ٻي صورت ۾، ٻار خوف وچان هيڏانهن هوڏانهن پيا ڊوڙندا آهن ۽ وڏا مسجدن ۾ يا ته نمازون پيا پڙهندا آهن يا واعظ پيا ڪندا آهن.“

ٺٽي جي سماجي ڪارڪن، سليم ٽنيو جي مطابق، ”اتر جي مقابلي ۾، هتي لاڙ يا ٺٽي ۾ اسان کي مختلف قسم جي ڄاڻ جي ضرورت آهي. سنڌجي ٻهراڙين ۾ زلزلي جي اثرن بابت تمام گهٽ ڄاڻ آهي. باقي طوفانن جي سڀ ڪنهن کي خبر آهي. ٿرين (ريگستان ۾ رهڻ



وارن) کي سوڪهڙي جي ته خبر هوندي پر انهن کي ٻيلٽا ۽ ساحلي پٽيءَ ۾ مينهن ۽ واچوڙن کي منهن ڏيڻ جي ڪهڙي خبر؟ ڳوٺ قيصر خان احمداڻيءَ ۾ ٿيل گڏيل گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪندڙ مير محمد چيو، ”ظاهر آهي ته ٻين علائقن جي نسبت اسان جي ٻارڙن کي مختلف قسم جي ڄاڻ جي ضرورت آهي.“ ٺٽي جي اي ڊي او ايليمينٽري (فيميل) چيو ته ”اڳي استادن جون وقت به وقت تربيتون ۽ ڄاڻ کي تازو ڪرڻ وارا ڪورس پيا ٿيندا هئا. هاڻ اهي سڀ ڪم غير سرڪاري ادارن جي حوالي ٿي ويا آهن. شيون ڏينهون ڏينهن بهتر ٿيڻ بجاءِ پٺ تي پيون ڏڪجن.“ ماسٽر غلام شبير ۽ ليا جي ڪو آرڊينيٽر سعيد چشتي مطابق ”مختصرن اهو ته ان کي نصاب ۾ سلهاڙڻ سان گڏو گڏ ان جي تربيت جي به ضرورت آهي ته جيئن ان کي پڪو ۽ پختو ڪري سگهجي جي نه ته اهو يا ته چڊو پاڊو رهندو يا آفيسرن جي آسري تي به پيو تڳندو.“ روجهاڻ جي ماسٽر عبدالشڪور چواڻي، ”تربيت به ايستائين فائدو نه ٿي ڏئي سگهي، جيستائين گهربل سازو سامان نه هجي، توهان کي منهنجا شاگرد ٻڌائيندا ته اسان اسڪول اندر داخل ٿيڻ واري هنڌان ڪيترا ڏينهن لڳائي پاڻي صاف ڪيو آهي، اسان جي اسڪول جي پيئڻ پاسي پاڻي جو ڊُبو اوهان ڏنو هوندو، مينهن کان وٺي اڄان تائين گندو پاڻي ان ۾ بيٺو آهي. مون خود به سيو دي چلڊرن کان به تربيتون ورتيون آهن، ڇا فائدو جيڪڏهن بنيادي سهولتون ئي ميسر ناهن.“

## 10_آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ متعلق ايس ايم سي جو ڪردار ۽ نقطئه نظر

اها ڏاڍي خوش آئند ڳالهه آهي ته تقريبن هر اسڪول ۾ ايس ايم سي موجود آهي. جيتوڻيڪ سندس ڪردار تمام گهٽو محدود آهي، اڪثر سندس ميمبر يا ته ايترا سرگرم ڪونهن يا وٽن گهربل ڄاڻ ۽ اثر ڪونهي، جو اهي شاگردن جي حق ۾ بهتر فيصلا لاڳو ڪرائي سگهن. اهو چوڻ غلط ڪو نه ٿيندو ته اهي جيڪي ماسٽرن يا هيڊ ماسٽرن جي چوڻ کي ضروري آهي ته اهو نڪي جڙتو آهي ۽ نه ئي ڪنهن کي غلط استعمال ڪرڻ! ڇو جو اڪثر ميمبر يا ته اڻپڙهيل آهن يا پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ ايترو ته مصروف آهن جو ڪين اسڪول جي معاملن کي چڱي پر ڏسڻ جو وقت ڪٽ پتلا يا ربڙ جون مهرون آهن، آمنا صدقنا پيا ڪن. اتي اهو چوڻ به



Responsibilities of School Council



Flood & seepage affected GGPS, Jampur (Dis. Rajanpur)

ئي ڪونهي. بهرحال، باٿر ايس ايم سي کي تيارٿيڻ ۾ ڪجهه وقت لڳندو. سال 2010 ۽ 2011 وارين ٻوڏن ۾ انهن ڪائونسلن اسڪولن کي ٻيهر کولرائڻ ۾ هر ممڪن ڪوشش ورتي، جنهن سان اسڪولن کي وڏي مدد ٿي. ڏکين وقتن تي ڪائونسل واقعي استادن ۽ ڪميونٽي جي وچ ۾ هڪ پل جو ڪردار ادا ڪري ٿي. سال 2010 ۽ 2011 وارين ٻوڏن ڪانپوءِ راجنپور ۽ ليه ۾ اڪثر ڪائونسل جا فنڊ اسڪولن جي مرمت وغيره تي خرچ ٿين ٿا. ننڊي شير خان يونين ڪائونسل ۾ ايس ايم سي موجود فنڊن مان اسڪولي گرائونڊ کي مٽي ڪرڻ جو رٿيو ويٺي هئي، آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ متعلق فقط انهن کي ڪجهه ڄاڻ هئي. جن ايل ايچ ڊي پي، دو آبه يا هيلپ فائونڊيشن جي سکيا حاصل ڪئي هئي. گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، جيئند خان چلگري جي ايس ايم سي جي ميمبر مولا ڏني موجب "جيڪڏهن اها سموري معلومات نصاب ذريعي ڏني ويندي ته سمورو ڳوٺ ان مان فائدو وٺندو."


Members School Council, Basti Manjotha, Lyyah

## 11_پاڪستان ۾ نصاب جي بهتريءَ جو عمل: آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي شامل ڪرڻ لاءِ موجود موقعا ۽ ڏکيائيون

بيشڪ، نصاب ۾ نون اڀرندڙ مسئلن کي پيش ڪرڻ لاءِ سڌارن ۽ ان کي عملدرآمد ڪرائڻ وارو عمل سڀ کان وڏو موقعو هوندو آهي. اتفاق سان پاڪستان ۾ نصاب تي نظرثاني ۽ بهتريءَ جو ڪم (2002_2001) واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿيو، جڏهن پاڪستان قدرتي آفتن توڙي سياسي مونجهارن جو شڪار هو. ايجوڪيشن سيڪٽر ريفارمز ايڪشن پلان، نيشنل ايجوڪيشن سينسس ۽ قومي تعليمي پاليسي جي سڌارن واري عمل ۾ (2006-2005)، پاڪستاني حڪومت پرائمري توڙي سيڪنڊري اسڪول (پهرئين جماعت کان وٺي ٻارهين جماعت تائين) جي قدرتي ۽ سماجي سائنس جي نصاب، نظرثاني ۽ سڌارن جون تجويزون مڪمل ڪري ڇڏيون هيون. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته پهرين، ٻئين، ٽئين، پنجين ۽ ڇهين ۽ ڪجهه سيڪنڊري سطح جي مضمونن ڪانسواءِ پنجاب جي اسڪولن ۾ اڃا تائين نئون نصاب مڪمل طور رائج ناهي ٿي سگهيو، جڏهن ته سنڌ ۾ مڪمل طور تي پراڻو نصاب ئي رائج آهي. نصاب جي ڇپائي لاءِ هڪ کان وڌيڪ پبلشرن جي چونڊ ۾ سياسي مداخلت ان ڪم ۾ ديري جو سبب آهي. هڪ رپورٽ موجب، نصابي اختياريون هاڻ خود ان ڪم جي ڇپائي جي ذميداري سنڀالينديون. پنجاب جي مقابلي ۾ سنڌ ۾ اهو ڪم تمام سست آهي.

پراڻي نصاب ۾، تازي نيشنل ايجوڪيشن اسيسمينٽ سسٽم رپورٽ (2008-2006) جيان، اڀرندڙ قدرتي مسئلن، جهڙوڪ: موسمياتي تبديلين ۽ ٻوڏن، زلزلن، واچوڙن ۽ برف جي ڇڻ ڪرڻ ۾ واڌ وغيره جو ذڪر ڪو خير ئي هو. ان جي مقابلي ۾ مواد توڙي ڏسڻ ۾ بهتر نظر ايندڙ قومي نصاب (2007-2006) هڪڙي محدود حلقي ۾ ورهايو ويو ته جيئن ان جي مختلف مضمونن ۽ موضوعن بابت راءِ حاصل ڪجي. نسبتن نئين ۽ ترقي يافته نصاب کي ماهرن پاران هڪ اميد جو ڪرڻو سمجهي، ساراهيو ويو. پر عملن عام ماڻهن تائين، ايتري قدر جو استادن، هيڊ ماسترن، اِي ڊِي اوز، ڊي اِي اوز ۽ اَي اِي اوز تائين به ان جي رسائي نه ٿي. باقي اهو ته سوال ئي نه ٿو اڀري ته ڪو ٻهراڙي ۽ ڏورانهن علائقن جي استادن ان جو منهن به ڏٺو هوندو. (xviii)

ان خيال جي تائيد ڪندي، راجن پور جي ڊي اِي او ايليمينٽري محترم محمد رمضان چيو ته، "ٽئين جماعت جو تجويز ٿيل نئون نصاب منهنجي نظر مان گذريو آهي پر منهنجي ذاتي دلچسپيءَ ۽ سعيي ڪري! وقت سر بدلجندڙ محفوظ انتظاميه جا مسئلا، نصاب يا پاليسيءَ سان جڙيل مامرا، ضلعي تعليمي انتظاميه سان زيرِ بحث ناهن ايندا. ايتري قدر جو اِي ڊِي اوز تعليم کي به ڄاڻ نه هوندي ته نئين نصاب جو روح يا ڳر ڇا هوندو. سندن ڪردار فقط اسڪول انتظاميه تائين محدود آهي." تعليمي کيتر ۾ باقاعدي ڪم ڪندڙ تمام گهٽ ادارن، جهڙوڪ: اداره تعليم ۽ آگاهي، سباهي، پاڪستان جو تعليمي نيٽ ورڪ وغيره کي ان جي ڪاپي، خاص گذارش تي مهيا ڪئي وئي. نئون نصاب (2007-2006) جيئن ته روشن خيال ۽ تجزياتي بنيادن تي ٺاهيو ويو، ان ۾ سڀني مضمونن ۾ زندگي بچائڻ جا ڏانءَ شامل ڪيا ويا آهن ۽ قومي تعليمي پاليسي (2010-1998) جي مڙني مضمونن ۾ هر طرح جو ڳانڍاپو رکيو ويو آهي.

ان جي باوجود به، موسمياتي تبديلي، آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي، احتياطي تدبيرون، خطرا گهٽائڻ ۽ انهن جا حل، اهي سڀ پنجاب ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي نون ڪتابن جهڙوڪ: سماجي اڀياس (درجو اٺون)، اڙدو (درجو ڇهون)، انگريزي ٻولي (درجو پنجون)، اڙدو (درجو ٽيون)، اڙدو (درجو ٻيون)، پاڪستان اڀياس (درجو پنجون)، جنرل سائنس (درجو چوٿون)، تاريخ (درجو ڇهون) ۽ جاگرافي (درجو ڇهون)، ۾ اجا تائين نظرانداز ٿيل آهن. سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ته اجا تائين ڪو هڪڙو به نئون ڪتاب ناهي آڻي سگهيو. ان جو سمورو نصاب 2005 جي نوٽيفڪيشن تحت 2002 وارو ڇاپو ئي آهي.

تعليمي وزارت جي سرڪاري نوٽيفڪيشن ۽ صوبن جي گڏيل 11هين تعليمي ڪانفرنس (Inter- Provincial Education Ministerial (IPEM)) 2007 جي مجتا جي ٽن سالن ڪانپوءِ، نئين نصاب کي نئين تعليمي سال 2011-2010 کان لاڳو ٿيڻو هو (xix). نئين بهتر نصاب کي نئين تعليمي سال 2008 ۾ رائج ڪرڻ جي سرڪاري اعلان جي باوجود نظرثاني، سڌارن ۽ رائج ڪرڻ وارو مرڪزي عمل (نصاب، نصابي ڪتابن ۽ تعليم جي معيارن وارو 1976 واري ايڪٽ تحت) پورو ناهي ٿي سگهيو، جنهن موجب ارڙهين ترميم جي نتيجي ۾ تعليم 2010 کان وٺي، صوبائي ذميداري هوندي. تعليم کاتي جو صوبن کي ملڻ هڪ تاريخي ۽ ڏگهي جدوجهد جو نتيجو آهي پر ان جي ڪري صوبن ۾ ان جو عملي ڪم ڪافي متاثر ٿيو آهي (XX). سنڌ ۽ پنجاب ۾، نوان نصابي ڪتاب مرحليوار جڙي تيار ٿي ۽ ورهائجي چڪا آهن (پهرئين مرحلي ۾ پهرئين، ڇهين، نائين ۽ يارهين جماعتن جي ڪتابن کي مٽيو ويو آهي). استادن جي تربيت، جيڪا نئين نصاب کي مؤثر طريقي سان پڙهائڻ لاءِ اٿئر آهي، ان بابت ڪو به قدم ناهي کنيو ويو (ساڳيو).

نصابي سڌارا ۽ ان کي رائج ڪرڻ جو عمل هڪ پيچيده مامرو آهي. ڪيترين ئي مختلف قسمن جي گهرجن ۽ تڪرارن مان گذرڻ کان پوءِ جڏهن هڪ پيرو اهو عمل مڪمل ٿئي ٿو ته ٻئي پيري ان جو ورجاءُ ڏاڍو اٽائو آهي. جتوڻيڪ (2003) اِي_ايس_آر_اَي_پي اهو عهد به ڪيو آهي ته ان کي هر پنجين سال ورجايو ويندو. تاريخ ان ڳالهه جي شاهد آهي ته هڪ پيرو نصاب تبديل ٿي ويو ته پوءِ اهو ڪيترن ئي سالن تائين هلندو رهندو. تنهنڪري، سڄاڻ ترين ۽ خاص ڪري آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي تعليم جي ڪم ڪندڙ تنظيمن لاءِ اهو ئي بهترين وقت آهي ته اهي صوبائي نصابي اختيارين ۽ ماهرن تي زور ڀرين ته اهي پرائمري ۽ سيڪنڊري سطح جي نصابي ڪتابن ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جا جزا ضرور شامل ڪن. بدقسمتيءَ سان، نئون نصابي ڪتابن جو مواد، ايتريقدر جو لاڳاپيل مضمون، جهڙوڪ: جاگرافي، پاڪستان اڀياس ۽ سماجي اڀياس به قدرتي آفتن جي وڌندڙ خطرن کان وانجهيل نظر اچن ٿا.

آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي شامل ڪرڻ لاءِ، هتي مختلف نقطئه نظر ۽ طريقيڪار پيش ڪيا ويا آهن. اجا به وقت آهي ته تعليم جي صوبائي وزارتن، نصاب، نصابي ڪتابن ۽ اسڪول اختيارين ۽ ماهرن تي زور ڀريو وڃي ته اهي هڪ نه ٻيو ممڪن ۽ ٺهڪندڙ نقطئه نظر اپنائيندي، پرائمري اسڪول جي نصاب ۾ ان اهم موضوع کي شامل ڪن. هڪ پيرو، پاليسي جوڙيندڙن ۽ فيصله ساز ادارن پاران، ڪو به نقطئه نظر اپنايو ويو ته پوءِ مستقبل ۾ ان ۾ بهتري اچڻ جي اميد ڪري سگهجي ٿي.

12_ ضلعي تعليمي انتظاميه ۽ نصابي ڪتابن جي اختيارين جو رويو

*”اسان سان ڳالهائڻ جي اپتري ڪا اهميت ڪانهي. سڀئي اختيار ٽيڪسٽ بڪ بورڊ وٽ آهن. اهو فقط ٺلهو سهڪار آهي جيڪو اسين ڪري سگهون ٿا ۽ ڪريون ٿا. آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ وارو مامرو جيڪڏهن مٿان کان ئي هيٺ لاٿو وڃي ته اسين ان کي پليڪار ڪنداسين. دراصل سڄو کاتو ئي حساس ۽ ڪمزور آهي. آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ متعلق اسان کي اڄ ڏينهن تائين جيڪي ڪجهه موصول ٿيو آهي، سو هڪ سرڪيولر جي صورت ۾ ٿيو آهي، جيڪو هڪڙي وزير کان سيڪريٽري، ان کان اِي_ڊي_او ۽ پوءِ اسان تائين ڦري پهچي ٿو، جنهن ۾ لکيل هوندو آهي ته، ’اسڪول جي عمارت کي متاثرين کان خالي ڪرايو وڃي.‘ (اسڪول اسٽاف گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول رقبه نبي شاهه، راجن پور)*

نصابي اختيارين جي پنهنجي سمجهه ۽ پنهنجا مسئلا آهن. ان کان اڳ ۾ جو اسين ڪنهن به صورتحال جو جائزو وٺون ۽ ڪنهن به نتيجي تائين پهچون، بهتر اهو آهي ته پهرئين خود اختيارين جي زباني اچو ته سندن مسئلن کي ٻڌون. هتي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي سلهاڙڻ بابت سندن ڪجهه خيال پيش ڪيا وڃن ٿا:

”آفتن جي وقت ۾، تعليم کاتو ان ڏس ۾ وڌو امدادي ڪم ڪري ٿو. اسين اسڪولن ۾ متاثرين کي پناهه ڏيون ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن استاد پڻ متاثرين جي مدد ڪن ٿا. اسان اڪثر بحث ڪندا آهيون ته ان قسم جي مسئلن کي ڪيئن منهن ڏجي يا کاتو ان ڏس ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو، جهڙوڪ: ٻوڏ سٽايلن يا ڪن ٻين آفت سٽيلن سان سهڪار وغيره. باقي نصاب ۾ ان قسم جون ڪي شيون شامل ڪرڻ اسان جو ڪم ناهي.“ (محمد اسلم ڪنبوه، سيڪريٽري تعليم پنجاب)

ساڳئي سوال جي جواب ۾، پنجاب ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي چيئرمين شاهد_اي_پٽا چيو، “اسين نصابي ڪتابن کي اجا به بهتر ڪرڻ جي عمل ۾ آهيون. مختلف مهارتون رکندڙ تقريبن ستن تعليمي ماهرن جو هڪ جٿو، نصابي ڪتابن تي نظرثاني ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪري پيو. ان جٿي ۾ ٻهراڙي ۽ شهري علائقن جا صلاحڪار به شامل آهن، ته جيئن زميني حقيقتن جي بهتر سمجهه حاصل ڪري سگهجي. هن وقت اسين نصابي ڪتابن مان جنسي متڀيد ۽ انتهاپسنديءَ وارن عنصرن کي هٽائڻ تي ڪم ڪريون پيا. اجا تائين ته آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ يا ان سان لاڳاپيل مواد کي نئين نصاب ۾ شامل ڪرڻ بابت ناهي سوچيو ويو، نه ئي ان حوالي سان نصابي ونگ ۽ آفتن جي انتظام ڪاريءَ وارن قومي يا صوبائي ادارن سان ڪو رابطو ٿيو آهي. انهن سان ته فقط وٺ پڪڙ واري نوبت اچڻ وقت هڪ سهڪاري رشتو آهي. اڳ ۾ ئي ڪيترن مسئلن بابت ڪافي ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان حوالي سان شيون بهتر ٿينديون پر ظاهر آهي ته ان ۾ وقت لڳندو. اهو ڏاڍو ڏکيو آهي ته ڪيتريون ساريون شيون، ساڳئي ئي وقت سلهاڙجن.”
بشريت (هيومينٽيز) جي ڊائريڪٽر شاهده جاويد پڪ ڏياريندڙ انداز ۾ چيو ته، “اسين اڀرندڙ مسئلن جهڙوڪ: آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ، انتهاپسندي ۽ ٻين اهڙن حساس موضوعن کي زيرو پيرڊ يعني امتحانن کان پوءِ واري وقت ۾ ۽ نئين سيشن شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ پڙهائڻ جو رٿيون پيا. ڪيئن ۽ ڪيتري حد تائين ان کي ڪٽي وجبو، اهو اجا چٽو ناهي. ان ڳالهه جي وضاحت ڪندي هلان ته اجا تائين ڪا به شئي باقاعدي طئي ناهي ٿي.”

انهيءَ بحث کي اڳيان وڌائيندي، نصابي ونگ جي ڊائريڪٽر اشرف مرزا تمام اهم ڳالهه ڪئي ته، “اسين 2006 ۾ تجويز ڪيل ۽ مجيل تعليمي سڌارن کي عملي جامو پهرائڻ جي وچ ۾ آهيون. هن سطح تي، وري ڪي نوان مامرا وجهڻ ٻنهه ڏکيو ٿو نظر اچي. ٻوڏن ۽ آفتن وارو سلسلو، انهن سڌارن اچڻ کان پوءِ منظرِ عام تي آيو آهي. انهيءَ ڪري، ان حوالي سان نئين نصاب ۾ ڪجهه خاص تجويز ٿيل ناهي، سواءِ ان جي جيڪو ڪجهه ان ۾ ئي موجود آهي. ان جو هڪڙو حل اهو ٿي سگهي ٿو ته اسين آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ متعلق انتهائي بنيادي قسم جو مواد، ضميمي طور الڳ شايع ڪريون. باقاعدي سبقن ۾ آڪاٽين شامل ڪرڻ وارو ڪم، وڌيڪ وقت وٺي ويندو ۽ سرڪاري اجازت نامن جي ور چرهي ويندو. آفتن جي انتظام ڪاريءَ واري صوبائي اداري سان رابطي جي حوالي سان طنزيه انداز ۾ جواب ڏيندي چيائين ته، “اهي پنهنجي بادشاهت جا حڪمران آهن. انهن صاحبن کي اسان جهڙن جي ڪهڙي پرواهه! جڏهن کين ڪجهه فنڊ ملندا آهن ته پوءِ اهي اسانجن آفيسن ۾ قدم پائيندا آهن. جي نه ته پوءِ ڊگهي سانت!” “ٻنهي ڪاتن جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جي سرڪاري رابطي جو ڪو به نظام ناهي. ٽيڪنيڪي طور تي، اسڪولن ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ متعلق ڪي به پراجيڪٽ شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ انهن کي اسان کان معلومات وٺڻ گهرجي پر هو ڪڏهن به ائين ناهن ڪندا. ان ڪانسواءِ، ٻيا به ادارا جهڙوڪ: ريسڪيو 1122 به ان ڏس ۾ ڪم ڪن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن اهي به اسڪولن ۾ اچي ٻارن کي سمجهاڻيون ڏين ٿا ته ٻار پنهنجو پاڻ کي پيش ايندڙ ڪنهن به حادثي کان ڪيئن بچائي سگهن ٿا.”

اشرف مرزا وڌيڪ چيو ته، “پنجاب حڪومت اسان کي مونجهارن يا خطرن جهڙوڪ: ٻوڏ ۽ زلزلا وغيره انهن جي بهتر انتظام ڪاريءَ کي شامل ڪرڻ جو ڪم سونپيو آهي ۽ منهنجو عملو ان تي ڪم ڪري پيو. اصولن نصاب کي رائج ڪرڻ وقت، ان قسم جي اڀرندڙ مسئلن کي شامل ڪرڻ ڏاڍو اٽائو ٿيو پوي. اهڙي صورتحال ۾، اسين پڙهڻ يا پڙهائڻ لاءِ ضميمي مواد جوڙيندا آهيون. ان حوالي سان ڪڏهن ڪتابچه يا ڪو ٻيو مددگاري سامان ٺاهيو ويندو آهي ته جيئن ان مسئلي کي اڻ سڌيءَ طرح ڪنيو وڃي. اهو تڏهن ئي ممڪن هوندو آهي، جڏهن ڪنهن به مامري تي تعليمي ۽ سياسي گڏيل راءِ جڙندي آهي. ان حوالي سان تازو ڊينگي مڇر واري مسئلي تي، پنجاب حڪومت جي هدايتن موجب اسان ڪامياب تجربو ڪيو. منهنجي خيال ۾ 2013 جي آخر تائين، آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جي حوالي سان به اسان کي ان قسم جو مواد ملي وڃڻ گهرجي. منهنجو عملو ان تي باقاعدي ڪم ڪري رهيو آهي.”

نصابي ونگ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر عامر حيات چيو ته، “جيتوڻيڪ آءٌ ان ڪم ۾ سڌيءَ طرح لاڳاپيل نه آهيان پر مون کي ڪجهه اندازو آهي ته نصابي ونگ، بالاڪوٽ ۽ 2005 واري زلزلي ۾ تباهه ٿيل اسلام آباد جي ڪجهه عمارتن جون تصويرون سماجي اڀياس جي ڪتابن جي پٺين جلد تي لڳائڻ جو سوچين پيا. پنجين ڪلاس کان مٿئين درجن جي سماجي اڀياسن ۾ پڻ ان قسم جي مضمونن کي شامل ڪرڻ جو رٿيو پيو وڃي. ڪڏهن؟ ان جي مون کي ڪا خبر ڪانهي. ڪتاب جي جلد جي اندرئين پاسي اڳ ۾ ئي ڪيترائي اخلاقي ۽ معاشرتي پيغام ڏنل آهن. اتي به آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ بابت ڪو موزون پيغام وجهي سگهجي ٿو. ان سموري معاملي جي جيڪا قيمت آهي، سا ان عمل کي سست ڪريو ڇڏي. جيتريقدر منهنجي ڄاڻ جو تعلق آهي ته ان مامري تي ڪاتي جي ٻاهر به مڙئي ڪجهه ڳالهه ٻولهه هلندڙ آهي يا ان مامري تي اقرار آهي.”

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي سيڪريٽري قادر بخش رند مطابق، “تعليمي سرشتي جي صوبن ۾ ضم ٿيڻ کانپوءِ اجا سنڌ صوبي پوريءَ طرح اختيار ناهن سنڀاليا. اسين اسلام اباد جي نصابي صلاحڪار ڪاميٽيءَ جي نئين نصاب بابت هدايتن کي ئي مشڪل سان ٿا پورا پئجي سگهون. مون کي ڪا پڪ ڪانهي ته ان ۾ ڪهڙين شين کي شامل ڪيو ويو آهي ۽ ڪهڙين کي نه؟ تعليمي وزير جي هدايتن

مطابق، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ تازو ئي نصاب جوڙڻ لاءِ ڪاميٽي تشڪيل ڏني آهي.” سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي چيئرمين عبدالسلام خواجي، ساڳي سوالن جي جواب ۾ چيو ته، “نئين نصابي ڪتابن جي جوڙجڪ ۽ ڇاپي جو ڪم آخري مرحلن ۾ آهي ۽ اسان ان کي پهرئين جماعت کان وٺي رائج ڪرڻ جي ڪم جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. هن وقت نئين نصاب ۾ جيڪا ڳالهه سارا ههه جوڳي آهي سا آهي انتهاپسند، اسهپ ۽ نفرت تي ٻڌل مدي خارج مواد جو اخراج! جيستائين آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جو سوال آهي ته اها پڪ آهي ته اهو ان ۾ شامل ڪونهي. منهنجو ذاتي خيال آهي ته ان کي نصاب ۾ ضرور شامل هئڻ گهرجي پر ٽئين يا چوٿين جماعتن کان هيٺ واري ڪلاسن ۾ نه، ڇاڪاڻ جو ٽئين يا چوٿين جماعت ۾ ٻار، ڳالهين جو اصل مطلب سمجهڻ شروع ڪري ٿو.”

ڳالهه ٻولهه کي اڳيان وڌائيندي هن چيو ته، “تيز طوفانن، واچوڙن ۽ سنڌ کي پيش ايندڙ ان قسم جي ٻين خطرن بابت نئين نسل کي معلومات فراهم ڪرڻ ضروري آهي. جيتوڻيڪ، اصل ۾ اها ذميداري لٽريسي کاتي جي آهي، جتي هو ٻين ماهرن جهڙوڪ: صوبائي نصابن ۾ هڪ مخصوص حد تائين هڪجهڙائي رکڻ وغيره کي زير بحث آڻين ٿا ته اتي انهن کي اهڙن حساس ماهرن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جي ضرورت آهي. بورڊ جي اندرئين نصابي ڪاميٽي ۾ پڻ ان پهلوءَ کي زيربحث آڻي سگهجي ٿو ۽ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي اسڪولي نصاب ۾ شامل ڪرڻ جي تجويز ڏئي سگهجي ٿي. آفتن جي انتظام ڪاريءَ واري صوبائي اداري، لٽريسي يونٽ ۽ نصابي ڪاميٽي، غير مرڪزيت واري سرشتي هيٺ جيڪڏهن گڏجي ڪم ڪن ته ڪجهه نه ڪجهه نتيجو اچي سگهي ٿو.”

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي نصابي نظرثاني ڪاميٽيءَ جي ميمبر محترم ناظم علي ميتلو مطابق سنڌ ۾ اڃا نئون نصاب رائج ناهي ٿيو. هن سڏيءَ ريت ٻڌايو ته “گذريل ڇئن سالن کان نئون نصاب ان ڪري رائج ناهي ٿي سگهيو جو سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڪنهن به ڇاپي کي پاس نٿي ڪري. هن وقت ٻار جيڪو نصاب پڙهن پيا سو 2002 واري نصابي هدايتن موجب آهي ۽ نڪي 2006 واري نئين بيان مطابق.” مقصد تي ايندي هن چيو ته، “قدرتي آفتون ۽ ان جي انتظام ڪاري، نصابي اوسر جي هدايتن موجب سهيوڳي ماهرن جي زمري ۾ اچي ٿو. ان زمري ۾ ڪافي مسئلا جهڙوڪ: نشو، ماحولياتي تباهي، ٽريفڪ ۽ قدرتي آفتون، موسمياتي تبديلي وغيره اچي وڃن ٿا. انهن مان هر هڪ ماهري جي پنهنجي اهميت آهي. ان مان ڪهڙي مسئلي جي چونڊ ڪجي ۽ ڪنهن کي نصاب ۾ شامل ڪجي، اهو ان بابت ٿيل بحث مباحثن ۽ نصابي ونگ جي گڏيل راءِ تي انحصار ڪري ٿو. ذاتي طور، آءُ ان ڳالهه جي حق ۾ آهيان ته ان معاملي بابت هڪ حد تائين ڄاڻ نصاب ۾ ضرور شامل هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو اهو سنڌ لاءِ تمام اهم آهي. اسان جو صوبو ڏينهون ڏينهن وڌندڙ قدرتي آفتن کي منهن پيو ڏئي. تمر جا ٻيلا تيزيءَ سان گهٽجن پيا ۽ ساموندي چاڙهه وڌندو اچي. اسان جي ماحوليات کي منهن زور صنعت ڪاري، حد کان وڌيڪ شهري رنگ ڍنگ ۽ اهڙن ٻين مسئلن تباهه ڪري ڇڏيو آهي.”

ٻي پاسي، سنڌ جي نصابي نظرثاني ڪاميٽيءَ جي ميمبر محترم امداد حسينيءَ چيو ته، “توهان اڳ ۾ ئي سٽيل نصاب ۾ هر شيءَ سڪيڙي گهيڙي نه ٿا سگهو. ڪيترائي معاشي، سماجي ۽ سياسي مسئلا اوهان جي اردگرد ٿيندا رهن ٿا پر ان جو هرگز اهو مطلب ڪو نهي ته هر وڏو مسئلو ڪو نصابي ڪتابن ۾ پيش ڪيو وڃي. ائين ڪرڻ سان اوهان مونجهاري جو شڪار ٿيندا. نصاب هڪڙي مرحليوار سٽاءُ جو نالو آهي. ان جا پاڱا، سبق، موضوع ۽ مضمون باقاعدي رٿيا وڃن ٿا ۽ وڏي غور ويچار کانپوءِ چونڊيا وڃن ٿا ۽ ان کان پوءِ هڪ نه ٻي ڪلاس لاءِ انهن کي تيار ڪيو وڃي ٿو. ڪمپيوٽر سائنس کان وٺي خلفاءِ راشدين تائين، اسين نصاب ۾ هر شيءَ وجهڻ چاهيون ٿا. آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ جا ماهرا فقط ان ڪري نصاب ۾ نه ٿا وجهي سگهجن ڇاڪاڻ جو ڪا غير سرڪاري تنظيم يا ڪو سهڪاري ادارو ائين چاهي ٿو.”

نئي جي اِي_ڊي_او (تعليم) موجب، “شيون فقط تڏهن تبديل ٿي سگهن ٿيون جڏهن آفتن جي انتظام ڪاريءَ واري صوبائي اداري ۽ صوبائي تعليم کاتي جي وچ ۾ وقت بوقت ان حوالي سان ڳالهه ٻولهه ۽ بحث مباحثا ٿيندا رهن. جيستائين خود کاتي جي اندر رابطه ڪاريءَ جو سوال آهي ته حال اهو آهي ته ضلعي وارن جو صوبائي سطح تي تمام محدود ڳانڍاپو ۽ لهه وچڙ آهي. سڀئي گڏجاڻيون ضرورت تحت ٿين ٿيون ۽ روزمره جي ماهرن تي ڳالهه ٻولهه لاءِ فقط اِي_ڊي_او صاحبان کي ئي ڪراچيءَ ۾ مدعو ڪيو ويندو آهي. ان قسم جي گڏجاڻين ۾ ڪا نئين ڳالهه مشڪل سان ئي زيرِ بحث ايندي آهي.” ساڳئي صورتحال پيش ڪندي، ڊي_اِي_او ايليمينٽري (راجن پور)، محمد رمضان چيو، “پنجاب ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڪو ورلي اسان کي ٻڌي ٿو. اسان جا اِي_ڊي_اوز، لاهور فقط روزمره جي مسئلن تي ئي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ويندا آهن. صورتحال کي واضح ڪندي، ڊي_اِي_او بدين رمضان پرهياڙ چيو، “توهان نصاب کي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ ۽ ٻين نون پهلوئن سان متعارف ڪرڻ جي ڳالهه ڪريو. هتي هر ڳالهه ۾ ٻيجا سياسي مداخلت، موجوده نظام جو ئي ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ شيون بهتر ڪيئن ٿينديون، جڏهن هر ايندڙ ڏينهن ڳالهه اڳي کان اڳري آهي. سڀ کان اول ته موجوده نظام کي بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي، پوءِ نين شين بابت سوچبو.” پنجاب ۾ هڪڙي ضلعي جي اڪائونٽ آفيسر (نالو ڳجهه ۾ رکيو ويو آهي) چيو، “بجيٽ جي هجڻ واري ڳالهه کي پاسيرو رکندي، ڊي_اِي_اوز ۽ اِي_ڊي_اوز جي اها ذميداري آهي ته اهي صوبائي کاتي کان پنهنجي اسڪول جي بجيٽ جي گهر ڪن، جيڪا هو نه ٿا ڪن. سڀ فقط پنهنجن پگهارن

سان ڀڙل آهن. جڏهن هو لاهور ۾ تعليم جي سيڪريٽريٽ سان لهه وچڙ ۾ اچن ٿا ته اهي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ سان لاڳاپيل پروگرامن جي بجيٽ جي گهر ڪري سگهن ٿا.“

جِي_اَي_شاهه، بجيٽ اسسٽنٽ (پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ، ليه)، اسڪولن ۾ غير موجود سهولتن بابت ڳالهائيندي چيو، ”تعليم کاتي جا سڀ اِي_ڊِي_اوز، ڊي_اِي_اوز ۽ اَي_اِي_اوز، ماسترن مان ترقي ٿي ان جاءِ تي پهتا آهن. انهن مان گهڻا انتظامي طور اڻ تربيت يافته آهن، انهيءَ ڪري اهي ٽيڪنيڪي ڪمن ۽ ڪارروائين کي سمجهڻ کان قاصر آهن. ايتري قدر جو اهي اسان کان مرمت ۽ سارسنڀال جي بجيٽ جي يا ته گهر نه ٿا ڪن يا وري وقت سر نه ٿا ڪن. عام طرح، ٺيڪ ٺاڪ بجيٽ ميسر هوندي آهي، جنهن مان ڪٿي نوان اسڪول تعمير نه ٿي سگهن پر موجوده اسڪولن کي تمام گهڻو بهتر بڻائي سگهجي ٿو پر هر ٻئي سال، نه استعمال ٿيڻ ڪري، اها منسوخ ٿيو وڃي.“ ٻئي پاسي سليم تنيو جو خيال هو ته، ”پلاننگ ۽ ڊيولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، تعليم کاتي ۽ انهيءَ جي ضرورتن کي بيحد نظرانداز ڪري ٿو.“ ماسترياڻي ثريا ڪوثر ٻڌايو ته ”اِي_ڊِي_او، پلاننگ ۽ ڊيولپمينٽ (نالو ڳجهه ۾ رکيو ويو آهي) چوي ٿو ته وڏيڪ تعمير ۽ ترقيءَ جي ضرورت ڪانهي. ليا ۾ اسڪول حد کان وڌيڪ ترقي ماڻي چڪا آهن.“ ضلعي اڪائونٽ آفيس ۾ وڏي پيماني جي بدديانتي واري واقعي تي سهمت ٿيندي هن چيو ته اڳوڻو اڪائونٽ آفيسر (نالو ڳجهه ۾ رکيو ويو آهي) سدائين ٺيڪيدارن سان، هن ئي آفيس ۾ ويهي، بجيٽ خارج ڪرڻ کان اڳ ۾، ڳٽ جوڙ پيو ڪندو هو. هو ايترو ته بدديانت هو جو جڏهن واپس سندس بدلي لاهور ٿي ته هن جيڪا پنهنجي ڪلارڪ کان ڪٽ اوڌر تي ورتي هئي، سا به ساڻ کنيو ويو.“ پلاننگ ۽ ڊيولپمينٽ جي هڪڙي اِي_ڊِي_او (ماڻهو ۽ ضلعي جا نالا ڳجهه ۾ رکيا ويا آهن)، بحث ڪندي چيو ته، ”نون اسڪولن جي تعمير جو پلان پاس ڪرڻ وقت، محفوظ اسڪولن جي حوالي سان جنهن پهلوءَ کي اوليت ڏيڻ گهرجي سو آهي اسڪول جي جاءِ وقوع ۽ ان تائين آسان رسائي. تمام گهڻا اسڪول هڪ نه ٻئي ذميندار جي زمين تي تعمير ٿيل آهن، جن تي پوءِ سندن ئي اثر رسوخ هلي ٿو. ان قسم جي اسڪولن جي بنياد ئي ان ڳالهه تي رکيل هوندي آهي ته انهن کي پوءِ اهي پنهنجون اوطاقون ڪري هلائيندا، حڪومت ڀهراڙيءَ ۾ پرائمري اسڪولن جي تعمير لاءِ، زمين مفت ۾ حاصل ڪرڻ تي زور پري ٿي. (حڪومت کي ان ڪم لاءِ آبادي ۽ رسائيءَ وارن پهلوئن جو تجزيو ڪندي اسڪولي زمين هميشه خريد ڪرڻ گهرجي.) اڪثر استادن جي پرتي وزيرن جي سفارش تي ٿيل آهي. جڏهن اسان اِي_ڊِي_او (تعليم) کان اسڪول جي ٿيڻ جوڳي (فزيبلٽيءَ) بابت پڇيو ته پاڻ سياسي اثر رسوخ کان نابري واري نه سگهيو. اسڪول هئڻ نه هئڻ مسئلو ناهي پر ان تائين رسائي نه هئڻ ڪري ڇوڪرن ۽ خصوصن ڇوڪرين جي تعليم متاثر ٿئي ٿي. بيشڪ، اسڪول جي هنڌ جو تعين بنان ڪنهن رٿابندي ۽ سوچ سمجهه جي ڪيو وڃي ٿو، جنهنڪري خود مسئلا ٿين ٿا.“

پلاننگ ۽ ڊيولپمينٽ کاتي جي هڪڙي اڪائونٽ ۽ بجيٽ آفيسر موجب، ”اسڪولن ۾ استادن کي پيون سهولتون ڏيڻ ته پري جي ڳالهه، هتي هر سال ضلعي بجيٽ خساري ۾ وڃي ٿو. گذريل ڏهن سالن کان وٺي، استادن جون پگهارون هر سال پيون وڌن پر ضلعي انتظاميه صوبي جي مقروض آهي. انگن اکرن سان کيڏندي، اسان کي ان بجيٽ کي واڌاري ۾ ڏيکارڻو پوندو آهي. جڏهن ته اسڪول ان سموري ضلعي بجيٽ جو وڏو حصو (تقريبن 80 سيڪڙو) کنيو وڃن پر اهو سمورو تعمير ۽ ترقيءَ بدران پگهارن ۽ کاتي جي ڪاروباري وهنوارن تي خرچ ٿيو وڃي. پگهارن کانسواءِ واري بجيٽ ۾، اسڪولن کي مشڪل سان ڪو 5 کان 10 سيڪڙو مرمت ۽ سارسنڀال جي مد ۾ ملندو هوندو. ايس ايم سيز جا فنڊ، ضلعي تعليمي بجيٽ جو حصو ناهن ۽ اها صوبائي تعليمي وزارت پاران خصوصي گرانٽ آهي. اهڙي صورتحال ۾، اهي آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ جهڙيون نيون نصابي توڙي غير نصابي سرگرميون ڪيئن ٿا ڪري سگهن؟“

گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، چام پور ۾ ٿيل گڏيل گڏجاڻيءَ ۾ اهي خيال ونديا ويا ته، ”ٿلهي ليکي، چاڻ توڙي اوچتو اينڊڙ آفتون، جاگرافي مضمون جي زمري ۾ اچن ٿيون. دريائي ڪنارن سان لڳ و لڳ وڏي آبادي، تيز مينهن جي صورت ۾ درياهن جي اٿلي پوڻ جي خطري هيٺ رهي ٿي. لاهور ۾ ويٺل ماڻهو، درياءَ سنڌ ۽ ڪوهه سليمان جي وچ واري علائقي جي جاگرافي ۽ انجي اهميت سمجهڻ کان قاصر آهن. جاگرافي، انهن تهذيبن ۽ روايتن سان تمام گهڻو ڳنڍيل آهي، جيڪي قدرتي آفتن جي نتيجي ۾ جڙن ٿيون. انهن مان حاصل ڪيل سبق اسان کي اهو سيکارين ٿا ته اسين انهن کي ذهن ۾ رکندي مستقبل جي رٿابندي ڪريون.“

مٿي ڏنل ماهرن جي راين جي روشنيءَ ۾، سجاڳ ذرين لاءِ مختلف رستا پيش ڪيا ويا آهن ته اهي آفتن کان بچاءَ وارو پهلو، پرائمري ۽ سيڪنڊري سطح تي تعليم ۾ شامل ڪرڻ لاءِ جاکوڙين.

## 13_ آفتن جي خطرن جي انتظام ڪاري ڪي نصاب

### ۾ سلهاڙڻ بابت آفتن واري ڪاتي جو نقطئه نظر

*“جڏهن ٺٽو 2011 وارين ٻوڏن جي ور چڙهيل هو ته آفتن جي انتظام وارو صوبائي ڪاتو متاثرين تائين پهچڻ وارو آخري ادارو هو. ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن بي يارومددگار پئي ڊوڙيا. سواءِ ميڊيا جي هاءِ گهوڙا جي، اڳواٽ يا بروقت اطلاع جو ڪو به نظام ڪو نه هو. سکر کان ٺٽي تائين، پاڻيءَ ڪي پهچڻ ۾ تقريبن هڪڙو هفتو لڳندو آهي. ان کان اڳ ۾ اسان کي ان ڳالهه جو اندازو ئي ڪو نه هو. ڇهن ڊيلٽائن جي آباديءَ مان ڪنهن کي به 1999 واري طوفاني واچوڙي جي اڳواٽ خبر ڪا نه هئي. ٿي سگهي ٿو تعليم اهڙي صورتحال ۾ ڪا بهتري آڻي سگهي.” (سليم تنيو ۽ وفا اڪرم عباسي، اڪيڊمي استاد، ٺٽه)*

آفتن جي انتظام واري وفاقي ڪاتي جي ڊائريڪٽر سبطِ عباس ۽ يو_اين_ڊي_پي جي لاڳاپيل آفيسر مبشر حسين ٻڌايو ته، “آفتن جي انتظام وارو وفاقي ڪاتو ان قسم جو هڪڙو نصاب اڳ ۾ ئي تجويز ڪري چڪو آهي.” هنن وڌيڪ انڪشاف ڪيو ته “اسان وزارتِ تعليم، ڪجهه نجي ادارن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين کي به ان حوالي سان تيار ڪيو هو ته جيئن ان موضوع کي پرائمري ۽ سيڪنڊري سطح تي مضبوط بنياد فراهم ڪري سگهجن. سري لنڪا جي مثال کي ڏسندي ايشيائي شهري آفتن جي انتظام ڪاريءَ واري پروگرام (ايشين اربن ڊساسٽر مينيجمينٽ پروگرام) ۽ تعليم جي قومي اداري (نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن جي گڏيل تعاون سان هڪ جامع ۽ قابلِ عمل نصاب ترتيب ڏنو ويو آهي. اسان به پاڪستان لئه هڪڙو ان قسم جو نصاب ۽ نظامِ تعليم جو خاڪو وزارتِ تعليم کي پيش ڪيو هو پر افسوس جو اهو رائج نه ٿي سگهيو.” ان قسم جون خبرون به ٻڌڻ ۾ آيون آهن ته وزارتِ تعليم هڪڙي جرمن سهڪاري اداري جِي ٽِي زيڊ (GTZ) سان ملي هڪڙو اسڪولي سطح تي آفتن جي خطرن جي انتظام ڪاريءَ جو پروگرام رٿي پئي پر مزي جي ڳالهه اها آهي ته ڪاتي جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي ان بابت ڪا به ڄاڻ ناهي.

اسلام آباد ۾ نومبر 2012 ۾ آفتن جي انتظام ڪاري واري علاقائي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ آفتن جي انتطام واري وفاقي ڪاتي جي چيئرمين ڊاڪٽر مظفر قادر چيو ته، “اسان اٺن نون مهينن جي لڳاتار ڪوشش ڪانپوءِ ملڪ لاءِ آفتن کي منهن ڏيڻ جو هڪ مؤثر منصوبو تيار ڪري ورتو آهي، جيڪو بيشڪ ملڪ جو بهتر آئيندو جوڙڻ ۾ وڏي مدد ڪندو. اسين سڀئي ضروري پاليسيون جوڙيون پيا ۽ انهن کي عمل ۾ پڻ آڻيون پيا. اسين پنهنجون ڪوٽون پوريون پيا ڪريون ۽ پنهنجون صلاحيتون وڌايون پيا. جيستائين اسڪولن جو سوال آهي ته اهي ڪنهن به آفت ويل، متاثرين لاءِ نهايت محفوظ ۽ بهترين جاءِ ثابت ٿين ٿيون. اسين ڪوشش ڪريون پيا ته اسڪولن کي وڌيڪ مضبوط ۽ پناهه وٺڻ جي قابل بڻايو وڃي ته جيئن نه فقط اهي خود محفوظ رهن پر ضرورت جي وقت ۾ ٻين کي پڻ پناهه ڏئي سگهن. ان مقصد جي حصول خاطر اسين لاڳاپيل شعبن ۽ محڪمن سان تعاون کي وڌايون پيا. اسان جي خواهش توڙي ڪوشش آهي ته اسڪول کي هڪڙي مڪمل محفوظ زون يا معين علائقي ۾ تبديل ڪيو وڃي.”

محترم سبطِ عباس زيدي ۽ يو_اين_ڊي_پي جي مبشر حسين وڌيڪ چيو ته، “آفتن جي انتظام وارو وفاقي ڪاتو شروع کان وٺي ان ڳالهه تي نه فقط يقين رکي ٿو پر ان حوالي سان هر ممڪن ڪوشش پڻ ڪري ٿو ته آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ ۽ ان جي بهتر انتظام

ڪاريءَ ڪي تعليم جو اهم ترين موضوع بڻايو وڃي. ان جي ننين تعليمي جٽن (جيڪي يونيسڪو جي مدد سان جوڙيا ويا هئا) ڪجهه نه ڪجهه ان تي ڪم پڻ ڪيو آهي، جيڪو وٽن موجود آهي. دراصل ان ڪم جو سهرو يونيسڪو جي مٿي تي آهي، جنهن ملڪ ۾ ان بحث ۽ منصوبي جو آغاز ڪيو. ان حوالي سان ان ڪيترن ئي ادارن جي رضامندي پڻ حاصل ڪئي آهي. اسان 2009 ۾ يونيسڪو جي اڳواڻيءَ ۾ پرائمري، سيڪنڊري توڙي اعليٰ سطح تي آفتن واري موضوع کي شامل ڪرڻ جو منصوبو پيش ڪيو هو. ان سموري عمل ۾ ڪجهه تعليمي صلاحڪار پڻ شامل هئا، جيڪي يونيسڪو جي جوڙيل ننين يا ذيلي جٽن جا ميمبر پڻ هئا.”

ليه ۾ ويٺل آفتن جي انتظام واري ضلعي ڪاتي جي ڪوآرڊينيٽر م_سعيد چشتيءَ ٻڌايو ته: صوبائي توڙي ضلعي سطح تي مسئلو ان سموري معاملي کي لاڳو ڪرڻ جو آهي. ضلعي ڪوآرڊينيٽر کي صوبائي ۽ ضلعي سطح جا آفتن جي انتظام وارا ادارا دل سان قبول نه ٿا ڪن. ڪو آرڊينيٽر جو ڪردار واضح به ناهي. آءُ پاڻ پنهنجي طور تي عام ماڻهن سان، صحت ۽ تعليم کاتن سان لهه وچڙ ۾ پيو ايندو آهيان. اهڙيءَ ريت غير سرڪاري ادارن، جهڙوڪ: دوآبه وغيره سان ملي مختلف تربيتون يا معلومات پيو فراهم ڪندو آهيان. باقي اسان جا ضلعي توڙي صوبائي آفتن جي انتظام وارا ادارا ته عارضي بنيادن تي ڪم ڪن ٿا. جنهن ڏينهن صوبائي کاتي کي مٿان سهڪار ۽ فنڊ اچڻ بند ٿيو، ان ڏينهن سچو کاتو ڊهي پوندو ۽ جنهن ڏينهن منهنجي پگهار جا پئسا وٽن ختم ٿيا، ان ڏينهن سمجهو ته ضلعي سطح وارو کاتو به بند!” پين سمورن ضلعن جي ڪوآرڊينيٽرن جا خيال به انهيءَ سان ملندڙ جلندڙ هئا.

## 14_ وسيع تر پاليسي ۽ عملي سفارشون

پاڪستان ۾ تعليم جي مجموعي صورتحال ۽ مڙني انتظامي مسئلن ۽ ان جي پسِ منظر کي ڌسندي، موجوده نصاب ۾ آفتن بابت تعليم جي حوالي سان تبديلي ڏکي نظر اچي پئي. سڀ جا سڀ مضمون، خصوصن سنڌ ۾، ته اجا تائين اسڪولن ۾ متعارف ئي ناهن ڪرايا ويا، جيتوڻيڪ نئون نصاب مڪمل طور تي لکجي چڪو آهي. انهيءَ ڪري، آفتن جي وڌندڙ تيزي ۽ واڌ جي باوجود به تعليم کاتي ۽ صوبائي ٽيڪسٽ بڪ بورڊ کي، ٽيڪنيڪي توڙي نظرياتي نقطئه نظر کان ميرائڻ ڏکيو ٿو نظر اچي. بهرحال، مٿي ڏنل تفصيلي تجزئي ۽ مختلف نظرين جي روشنيءَ ۾، هيٺ ڪجهه پاليسي توڙي عملي سفارشون پيش ڪجن ٿيون، جن مان ڪجهه ويجهڙ ۾ ۽ ڪجه اڳتي هلي ڪم اينديون.

بهرحال، صبر، ڊگهي اٽانگي جدوجهد ۽ ڳالهه ٻولهه ڪانسواءِ عوامي بيروڪاريءَ جا مقصد حاصل ڪرڻ ڏکيا آهن، خصوصن تڏهن جڏهن هڪ کان وڌيڪ ادارن جي گڏيل تعاون جي ضرورت هجي ۽ گهرو وسائل به نه هئڻ برابر هجن.

- آفتن جي حوالي سان ڪم ڪندڙ غير سرڪاري تنظيمن کي اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته لاڳاپيل ڌرين جي مشاورت کان بنان، اها ڳالهه طئي نه ڪن ته آفتن ۽ ان جي خطرن کي منهن ڏيڻ جي حوالي سان ڪهڙن پهلوئن تي ترجيحي بنيادن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ايئن ڪرڻ سان بيوروڪاري جي گڏيل پاليسي ۽ لائحهءِ عمل جڙي سگهندو. مختصرن اهو ته ٻارڙن جي حوالي سان آفتن جي خطرن کي منهن ڏيڻ جي تدبيرن ۽ حڪمتِ عمليءَ تي اجا وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. شروعاتي مرحلن ۾، ان موضوع کي اضافي مضمون يا مواد طور شامل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. استادن، شاگردن ۽ مائٽن جي دلچسپي وڌائڻ لاءِ، ان قسم جي مشقن ڪرائڻ جي پڻ ضرورت آهي. اهڙيءَ ريت عام ماڻهوءَ ۾ پڻ دلچسپي ۽ ان مسئلي بابت شعور اجاگر ٿيندو. هر اسڪولي عمارت کي حفاظتي ڪوڊ يا خاص نمبر ڏنو وڃي ۽ پوءِ ان تي قانوني ضابطو پڻ لاڳو ڪيو وڃي ته جيئن هر اسڪول، هڪ محفوظ هنڌ ۾ تبديل ٿي سگهي.
- چوٿين درجي جي پراڻي نصاب ۾ قدرتي آفتن بابت هڪڙو سبق موجود آهي، ان کي نه فقط برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي بلڪه سڄاڻ ڌرين کي ان ۾ بهتري آڻڻ لاءِ تعليم کاتي ۽ صوبائي ٽيڪسٽ بڪ بورڊ سان ملي ان تي ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ ان کي خصوصن سنڌ جي نصاب ۾ ضرور شامل هئڻ گهرجي.
- پهرئين مرحلي ۾ غير نصابي توڙي گڏيل نصابي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ جي ضرورت آهي. ڪتاب جي پهرئين يا آخري صفحن يا جلد تي اضافي معلوماتي مواد ڏيڻ گهرجي، جنهن سان شاگردن توڙي استادن ۾ ان کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ دلچسپي پيدا ٿئي. اسڪول جي پٽين تي مختلف پيغام لکڻ سان به ان موضوع بابت ڄاڻ ۽ گهربل مهارتن ۾ واڌارو اچي

سگهي ٿو. ان ڏس ۾ لاڳاپيل غير سرڪاري تنظيمون پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ استادن سان گڏجي اهو ڪم ڪاميابيءَ سان ڪري سگهن ٿيون. ان ڪم تي نه ئي ڪو ڪاتو اعتراض واريندو ۽ نه ئي ان تي ڪا عملي يا نظرياتي رڪاوٽ پيش ايندي.

- جيستائين آفتن جي خطرن جي انتظام ڪاريءَ سان سلهاڙيل نصاب ڪا قبوليت ماڻي، ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ان عارضي عرصي دوران استادن کي ان موضوع بابت موثر ۽ جامع تربيت ڏني وڃي. ان جو هڪڙو وڏو فائدو اهو ٿيندو ته استاد، آفتن سان سڌي يا اڻسڌيءَ طرح لاڳاپيل سبقن، جهڙوڪ: ماحوليات، ماحولياتي گدلاڻ، وڻن جي ڪهاڻي، اسان جي آبادي، عوامي تحفظ، اسڪائوٽنگ، رضاڪار، ٻين جي مدد، سٺو شهري، شهرين جا فرض، مثالي ڳوٺ، ڳوٺ جو سير، اچو ته ٻوٽا پوکيون ۽ حفاظت وغيره جي سمجهاڻي ڏيندي خودبخود آفتن سان منهن ڏيڻ جي طريقن جي وضاحت ڪندا ۽ مضمونن جو ڳانڍاپو، آفتن واري موضوع سان جوڙيندا.

- اندر بيان ڪيل، آفتن جي خطرن کي منهن ڏيڻ جي تعليم جي مختلف نظرين ۽ طريقن کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڊگهي ۽ محنت طلب پاليسي، ڳٺ جوڙ ۽ پيروڪاريءَ جي ضرورت آهي. يونيسيف، يونيسڪو، جِي ٽي زيڊ ۽ آفتن جي انتظام وارا صوبائي ۽ وفاقي کاتا ٻهريان ئي ان موضوع کي تعليم اندر شامل ڪرڻ بابت قائل ۽ جزوي طرح برسرِ عمل پڻ آهن. انهيءَ ڪري گڏجي وڌيڪ گهرائيءَ سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن ان تجويز کي قابلِ عمل بڻائي سگهجي.

- ان ڏس ۾ جيڪي ڪم ٻهرئين ٿي چڪو آهي، ان کي سهيڙي اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي ته جيئن سڃاڻ ادارا، لاڳاپيل کاتن لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهن. اِي_ڊي_اوز، اَي_اِي_اوز، استادن ۽ ايس ايم سين سان گڏجي، وڌيڪ حساس علائقن ۾ ٻارڙن کي انهيءَ حوالي سان تعليم ۽ تربيت ڏئي سگهجي ٿي. انهيءَ قسم جي ڪم ۾ ٻارڙن جي راءِ کي پوري پوري اهميت ڏني ويندي آهي، جيڪي سرڪاري پاليسيون يا هنگامي ضلعي ۽ صوبائي پلان موجود آهن، تن کي ٻارن جي نقطئه نظرن کان جا نچڻ جي ضرورت آهي ته جيئن ضرورت جي وقت اهي ڪارآمد ثابت ٿي سگهن.

- ضلعي تعليمي انتظاميه، ايس ايم سيز ۽ لاڳاپيل ٻين ضلعي ادارن کي آفتن جي حوالي سان ٿيندڙ سرگرمين ۾ وڌ کان وڌ شموليت ڪرڻ لاءِ همٿائڻ گهرجي ته جيئن اڳتي هلي ان موضوع کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ هڪڙو سازگار ماحول جڙي سگهي. اهڙي ريت آهستي آهستي ان ڏس ۾ هڪڙو مواد به تيار ڪندو رهڻ گهرجي، جيڪو اڳتي هلي نصاب ۾ شامل ڪري سگهجي.

- ڇهين، ستين ۽ اٺين درجن ۾ باقاعدي انساني حقن، انساني همدردي، ٻارن جي حقن ۽ ٻارن جي تحفظ بابت سبق شامل ڪرڻ لاءِ پاليسي سطح تي ڪوشش کي تيز تر ڪرڻ گهرجي. ٻارن جي حقن ۽ تحفظ کي شروعاتي مرحلن ۾ شامل ڪرائڻ کانپوءِ خود آفتن جي خطرن جي انتظام ڪاري واري موضوع کي شامل ڪرائڻ آسان ٿي پوندو، جنهن ۾ اڳواٽ يا بروقت اطلاع جو نظام، هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ، اڳواٽ تياري وغيره تي ڳالهه ٻولهه ڪري سگهجي ٿي ۽ اهو طريقيڪار، موجوده سرشتي هيٺ نسبتن وڌيڪ آسانيءَ سان ٿي سگهي ٿو.

- تحريري ۽ برقي ميڊيا کي پڻ ان ڪم ۾ ساڻ ڪٽي، آفتن، ان جي بهتر انتظام ڪاري ۽ ان کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ بابت وڌيڪ شعور ڏيڻ جي ضرورت آهي. ٻين هم خيال ۽ لاڳاپيل ادارن، جهڙوڪ: صحت، شهري دفاع، ريسڪيو 112 ۽ 15 باهه وسائڻ واريون اسٽيشنون، بم ناڪاره ڪندڙ عملو، اسڪائوٽنگ ۽ مقامي حڪومتن کي وڌ کان وڌ پاڻ سان ملائي، حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کي ان ڳالهه لاءِ راضي ڪرڻ گهرجي ته ٻارن ۽ مجموعي طرح قوم جي بهتر ۽ محفوظ مستقبل لاءِ ضروري آهي ته ان موضوع کي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي.

- غير سرڪاري تنظيمن ۽ ضلعي ڪوآرڊينيٽرن کي ملي ڪري درياهه جي ڪپ وارن علائقن، ڪچي جي علائقن ۽ ساموندي پٽيءَ ۾ موجود اسڪولن جا هنگامي منصوبا جوڙائڻ گهرجن ته جيئن ڪنهن به اوچتي آفت اچڻ جي صورت ۾ استاد، ٻار ۽ ايس ايم سيز ڦڙتيءَ ۽ مهارت سان صورتحال کي وڌيڪ خراب ٿيڻ کان بچائي سگهن. استادن ۽ شاگردن کي ننڍا ننڍا حدف ڏئي، وقت بوقت سندن ڪم جو جائزو وٺي سگهجي ٿو. ٻارڙن جي حدفي فوج، اسڪولي تحفظ ڪلب، سازو سامان، رانديون ۽ تربيتي ڪتابچه جوڙڻ جي ضرورت آهي ته جيئن راند راند ۾ ٻارن توڙي استادن جي ڄاڻ ۾ اضافو ڪري سگهجي. گڏوگڏ منجهن خاص مهارتن سکڻ جي حوالي سان مقابلا ڪرائي، ننڍا ننڍا انعام ۽ ايوارڊ وغيره به ڏئي سگهجن ٿا ته جيئن منجهن وڌيڪ دلچسپي پيدا ٿئي ۽ اهي ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ پنهنجي، ٻين ٻارڙن جي مدد

ڪري سگهن. ان سموري ڪم ۾ تعليم کاتي جو تعاون حاصل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي ته جيئن اڳتي هلي کاتو ۽ اسڪول ان کي خودبخود پنهنجو ڪن ۽ غيرسرڪاري تنظيمون هڪ خاص وقت تي واپس پوئتي موٽن.

- ان ڏس ۾ ٻين نستبن وڏيڪ باشعور ۽ تيار ملڪن، جهڙوڪ: بنگلاديش، سريلنڪا، انڊونيشيا، نيپال، ڀارت، ويٽنام ۽ جاپان وغيره ۾ اختيار ڪيل سٺين ۽ قابلِ عمل مشقن ۽ ڪمن کي هتي متعارف ڪرائڻ ۽ ان ڏس ۾ حڪومت کي همٿائڻ به سڄاڻ ادارن جي ذميداري آهي ته جيئن آهستي آهستي پاڪستان به انهن طريقن کي اختيار ڪري، ٻارن ۽ پنهنجي آئندي کي محفوظ بڻائي سگهي.